Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :12 | ڇنڇر 09 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 24 جمادي الاول 1445ھ | شمارو:59 | قيمت10 روپيا

اسان جو مطالبو اقتدار ناهي، پاڻ سان ٿيل ناانصافين جو ازالو چاهيون ٿا: نواز شريف

190 ملين پائونڊ اسڪينڊل ڪرپشن جو سڀ کان وڏو اسڪينڊل آهي، بند لفافو ڪابينا کان منظوري ورتي وئي، لفافو کولي ڏٺوئي نه ويو

ڪجھ زخم اهڙا هوندا آهن، جيڪي ڪڏهن به ڀرجندا ناهن، اسان پوءِ به صبر جو مظاهرو ڪيو، ن ليگ جي قيادت کي ڏکيائين سان منهن ڏيڻو پيو

چاهيون ٿا ته پاڪستان ڪي ترقي جي رستي تي ٻيهر آڻيون، خواهش آهي پاڪستان کي معاشي ڏيڻ مان ٻاهر ڪڍيو وڃي

ملڪ تي هڪ اهڙي نااهل ۽ نالائق کي مسلط ڪيو ويو، جنهن کي معيشت جي ڪا به خبر نه هئي، اهو شخص صرف زباني ڪلامي رياست مدينه چوندو رهيو

رياست مدينه چا هئي، هن کي ان جو اندازو ئي نه هو، ٻين کي نيچ ڏيکارڻ لاءِ رياست مدينه جو نالو وٺندو رهيو: ن ليگ جي پنجين پارلياماني بورڊ جي اجلاس کي خطاب

لاهور (م د) نواز ليگ جي سربراھ نواز شريف چيو آهي ته اسان جو مطالبو اقتدار ناهي، پاڻ سان ٿيل ناانصافين جو ازالو چاهيون ٿا، قوم کي ٻڌايو ملڪ تي ڏاڙو ڪنهن هنيو، چور چور چوندڙ پاڻ وڏا چور آهن نواز شريف ن ليگ جي پنجين پارلياماني بورڊ جي اجلاس کي خطاب ڪندي وڏيڪ چيو ته 190 ملين پائونڊ اسڪينڊل ڪرپشن جو سڀ کان وڏو اسڪينڊل آهي، بند لفافو ڏيکاري ڪابينا کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03


لاهور: نواز شريف ن ليگ جي پنجين پارلياماني بورڊ جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

شوڪت ترين جو سياست ۽ پي ٽي آءِ ڇڏڻ جو اعلان

اسلام آباد (م د) اڳوڻي نائي واري وزير ۽ سينيٽر شوڪت ترين به سياست ۽ پي ٽي آءِ ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو، شوڪت ترين نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي پارٽي ۽ سينيٽ جي سيٽ ڇڏڻ جي تصديق ڪئي، ياد رهي ته شوڪت ترين 2021ع ۾ پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ تي خيبر پختونخواھ مان سينيٽر چونڊيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پيپلزپارٽي هميشه عام ماڻهو جي مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون ورتيون آهن: آصف زرداري

پارٽي نهڻ جي شروعات کان ئي ان جي باني ۽ انقلابي ليڊر ذوالفقار علي ڀٽو جو "اتولنو ۽ اجهو" جو نعرو پ پ جي بنيادي قدرن ۽ اخلاقيات سان لازم ۽ ملزوم آهي

جديد دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن جماعت پنهنجي منشور تي عمل لاءِ پيپلزپارٽي کان وڌيڪ قربانيون نه ڏنيون آهن، پ پ پ لاڳيتو اڳتي طرف سفر ڪيو ۽ پنهنجي تجربن کان سکيو آهي

شفافيت ۽ بهتر حڪمراني کي يقيني بڻائڻ لاءِ خوراڪ، تعليم ۽ صحت جهڙن اهم ڪاتن جي مڪمل ڊجيٽلائيزيشن اُتر آهي چاڪاڻ ته اهي ڪاتا عام ماڻهو جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ضروري خدمتون فراهم ڪندا آهن

هراسمينٽ قانونن کي وڌيڪ مضبوط ۽ انهن تي عملدرآمد بڻائڻو آهي ته جيئن اسانجي سماج ۾ عورتن کي بغير ڪنهن خوف ۽ تعصب جي ڪم ڪرڻ جي اجازت ۽ موقعو فراهم ٿي سگهي

پ پ هميشه کان عورتن جي حقن جي علمبردار رهي آهي ۽ ان جماعت ئي شهيد محترمه بينظيرڀٽو جي صورت ۾ اسلامي دنيا کي پهرئين عورت وزيراعظم سان به نوازيو

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي صدر مملڪت ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي ڪو چيئرمين آصف علي زرداري چيو آهي ته پيپلزپارٽي هميشه عام ماڻهو جي مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون ورتيون آهن، پارٽي نهڻ جي شروعات کان ئي ان جي باني ۽ انقلابي ليڊر ذوالفقار علي ڀٽو جو "اتولنو ۽ اجهو" جو نعرو پ پ جي بنيادي قدرن ۽ اخلاقيات سان لازم ۽ ملزوم آهي، جنهن جي تڪميل لاءِ پارٽيءَ اڻ ڳڻيون قربانيون ڏنيون آهن ۽ ان جي بنياد ۾ شهيدن جو رت به شامل آهي، اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جو چوڻ هو ته جديد دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن جماعت پنهنجي منشور تي عمل لاءِ پيپلزپارٽي کان وڌيڪ قربانيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01


ڪراچي: اڳوڻو صدر ۽ پيپلزپارٽي جو ڪو چيئرمين آصف علي زرداري (فائيل فوٽو)

نوازليگ ۽ آءِ پ پ وچ ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ تي اتفاق

شهباز شريف ۽ جهانگير ترين ۾ ملاقات جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي

گذريل ڏينهن ماڊل ٽائون ۾ شهباز شريف جي رهائشگاھ تي ملاقات ٿي هئي

ٻنهي پارٽين ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ ڪرڻ تي اتفاق ٿي ويو آهي : ذريعا

اسلام آباد (م د) نواز ليگ ۽ آءِ پ پ وچ ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ تي اتفاق ٿي ويو آهي شهباز شريف ۽ جهانگير ترين ۾ ملاقات جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئيگذريل ڏينهن ماڊل ٽائون ۾ شهباز شريف جي رهائشگاھ تي ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

نگران وڏي وزير سنڌ ڪرافٽ فيسٽيول جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ثقافت جنيد علي شاھ، صوبائي وزير تعليم راڻا حسين، وزير اطلاعات احمد شاھ ۽ ٻين آجيان ڪئي

جسٽس باقر فيسٽيول ۾ لڳل مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو اتي اسٽالن تي موجود شهرين سان مليو

سنڌ ثقافت کاتي پاران هر سال سنڌ ڪرافٽ فيسٽيول منعقد ڪرڻ سٺو سنوڻ آهي: نگران وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ثقافت کاتي پاران منعقد پورٽ گرائونڊ ڪراچي ۾ سنڌ ڪرافٽ فيسٽيول 2023 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08


ڪراچي: نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر فيسٽيول ۾ لڳل مختلف اسٽالن جو دورو ڪندي

رپئي جي قدر ۾ واڌ جاري، ڊالر وڌيڪ سستو ٿي ويو

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ رپئي جي پيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي جو سلسلو جاري آهي، انٽربينڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

تندي الهيار مان تيل ۽ گئس جا نوان ذخيرا هٿ

درس ويسٽ کوھ نمبر 2 جي 2081 ميٽر کوٽائي ڪئي : او جي ڊي سي ايل

360 بيرل روز جي حساب سان ڪچو تيل به دريافت ٿيو آهي

اسلام آباد (م د) آئل اينڊ گئس ڊيولپمينٽ ڪمپني (او جي ڊي سي ايل) موجب سنڌ جي ضلعي تندي الهيار مان تيل ۽ گئس دريافت ٿي آهي، او /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پارس شاھ قتل ڪيس ٽرائل لاءِ ماڊل ڪرمنل ڪورٽ منتقل

فريادي ڌر پاران سحر شاھ وڪيل صلاح الدين پنهور معرفت عدالت ۾ پيش ٿي

اميد آهي ته ايندڙ ٻڌڻي تي عدالت جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪندي : وڪيل

حيدرآباد (رپورٽر) پارس شاھ قتل ڪيس ٽرائل لاءِ ماڊل ڪرمنل ڪورٽ منتقل ٿي ويو آهيفرسٽ ايڊيشنل سيشن جج اشفاق مغل جي عدالت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي چيئرمين کي عهدي تان هٽائي ڇڏيو

چيئرمين آغا سهيل کي قائدن جي ڀڃڪڙي تي عهدي تان هٽايو ويو

آغا سهيل تي درسي ڪتابن جي ڇپائي ۾ ڪرپشن جا الزام هئا

ڪراچي (م د) صوبائي حڪومت سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي چيئرمين کي معطل ڪري عهدي تان هٽائي ڇڏيو آهي، نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

خبر ناهي ته هن ڀيري مونکي به ٽڪيٽ ملندي يا نه: مراد علي شاھ

اليڪشن ٽن مهينن بعد ٿيڻي هئي 5 مهينا ٿي ويا آهن پر اليڪشن ناهي ٿي ۽ هاڻي چون ٿا 8 فيبروري تي ٿيندي: نثار کهڙو

ڪجھ ماڻهو تڪبندين تي اعتراض وارڻ لاءِ عدالت ويا آهن ته جيئن اسٽي وٺي سگهن ان ڪري اليڪشن ڪميشن کي گهرجي ته هو هاڻي حتمي تڪبندين جو اعلان ڪري

عمران خان جي اچڻ سان ملڪ جي وڏي تباهي ٿي ۽ مهانگائي جو طوفان برپا ٿيو : حيدرآباد ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس

حيدرآباد (رپورٽر) پيپلز پارٽي پاران بينظير ڀٽو جي شهادت واري ڏهاڙي تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ تاريخي جلسو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهيپيپلز پارٽي سنڌ جي اڳواڻن صوبائي صدر نثار احمد کهڙو، اڳوڻي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ ۽ وقار مهدي حيدرآباد ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪئينثار کهڙي چيو ته اليڪشن ٽن مهينن بعد ٿيڻي هئي 5 مهينا ٿي ويا آهن پر اليڪشن ناهي ٿي ۽ هاڻي چون ٿا 8 فيبروري تي ٿيندي، ڪجھ ماڻهو تڪبندين تي اعتراض وارڻ لاءِ عدالت ويا آهن ته جيئن اسٽي وٺي سگهن ان ڪري اليڪشن ڪميشن کي گهرجي ته هو هاڻي حتمي تڪبندين جو اعلان ڪريمراد علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14


حيدرآباد: نثار کهڙو، اڳوڻو وڏو وزير مراد علي شاھ ۽ وقار مهدي حيدرآباد گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي

گهوٽڪي ۾ گرين لائين ايڪسپريس مزدا مٿان چڙهي وئي ڊرائيور فوت

پنجاب ويندڙ گرين لائين ايڪسپريس مزدا مٿان چڙهي وئي

حادثي سبب ٽڪر مزدا ڊرائيور نور خان ٽانوري فوت ٿي ويو

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي لڳ محمد پور ريلوي ڦاٽڪ تي تيزرفتار ٽرين جو مزدا مٿان چرهي وئي، ڊرائيور فوت ٿي ويو گهوٽڪي ۾ ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

آءِ ايم ايف پاران 11 جنوري تي پاڪستان لاءِ قرض جي منظوري

منظوري ڪانپوءِ پاڪستان کي 70 ڪروڙ ڊالرن جي قسط ملندي

اسٽاف ليول ميٽنگ جي فيصلن کي حتمي شڪل ڏني ويندي

اسلام آباد (م د) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) جو ايگزيڪيوٽو بورڊ 11 جنوري تي پاڪستان لاءِ قرض جي منظوري ڏيندو، منظوري ڪانپوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18


سکر: شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل نه ٽڪڻ خلاف قلم ڌڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيا، قلم ڌڻي سراپا احتجاج

ڏھ ڊسمبر حيدرآباد ۾ صحافي سنڌ صحافي ڪنوينشن ۾ وڌيڪ حڪمت عملي جوڙي ويندي :قلم ڌڻي

ايس يوجئي جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو جاري رکيو ويو

بک هڙتال ۾ شهيد جان محمد جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي

سکر (رپورٽر) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل 117 ڏينهن مڪمل ٿيڻ باوجود گرفتار نه ڪيا ويا، صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي، ڏھ ڊسمبر حيدرآباد ۾ صحافي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پي ٽي آءِ اڳواڻ شير افضل مروت گرفتاري بعد آزاد

شير افضل مروت کي باجوڙ پارٽي ڪنوينشن لاءِ وڃڻو هو، ڪيس چارسدا مان گرفتار ڪيو ويو

وڪيلن ۽ عوام پوليس کي گهيري ۾ آڻي ڪري وڪيل شير افضل مروت کي بازياب ڪرايو

پشاور(م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيٽر نائب صدر ۽ عمران خان جي وڪيل شير افضل مروت کي گرفتار ڪيو ويو، ذريعن موجب شير افضل مروت باجوڙ پارٽي ڪنوينشن ۾ ويو هو، ڪيس چڪدرا مان گرفتار ڪيو ويو پي ٽي آءِ شير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

نجي يونيورسٽي جي شاگردياڻي درياھ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو

21 ورهين جي نوجوان شاگردياڻي چناب درياھ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪيو

آپگهات ڪندڙ ناري جي سجاڳپ عليزا جهانگير جي نالي سان ٿي

گجرات (م د) گجرات جي نجي يونيورسٽي جي 21 ورهين جي نوجوان شاگردياڻي چناب درياھ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو آپگهات ڪندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

حليم عادل شيخ جون مشڪلاتون وڌي ويون، 4 ڪيسن ۾ حليم عادل شيخ نامزد

ڪيس جي ٻڌڻي دوران پوليس عدالت کان حليم عادل شيخ کان سينٽرل جيل ۾ پڇا ڳاڇا جي اجازت گهري

توهان ڪٿي هئا؟ پنجن مهينن کان پوءِ توهان کي اهو خيال ڪيئن آيو؟ : عدالت پاران پوليس تي ڪاوڙ جو اظهار

مان پريس ڪانفرنس ڪريان ته سمورا ڪيس ختم ٿي ويندا، پوليس پاڻ ئي هاءِ ڪورٽ ۾ رپورٽ جمع ڪرائي چڪي آهي : حليم عادل شيخ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳوڻي اڳواڻ حليم عادل شيخ جون مشڪلاتون وڌي ويون، پوليس وڌيڪ 4 ڪيسن ۾ حليم عادل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

هفتيوار مهانگائي نه گهٽجي سگهي، 15 شين جي اگهن ۾ واڌ

ساليانو بنيادن تي ان جي شرح 42.68 سيڪڙو تي پهچي وئي

گهريلو سئلينڊر، ڪيلا، چانھ جي پتي، ڏهي ۽ ٻاڪرو گوشت مهانگو ٿيو

اسلام آباد (م د) ملڪ ۾ هلندڙ هفتي مهانگائي 1.16 سيڪڙو وڌي وئي، جڏهن ته ساليانو بنيادن تي ان جي شرح 42.68 سيڪڙو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

نئون رڪارڊ، اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ 66 هزار پوائنٽن جي سطح به پار

ڪراچي (م د) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ مسلسل تيزي سبب 100 انڊيڪس 66 هزار پوائنٽن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21



اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي انٽرنيشنل هيومن رائيٽس جي عالمي ڏينهن تي تقريب کي خطاب ڪندي

سياري جي موڪلن ۾ نجي تعليمي ادارا کولڻ تي پابندي

موڪلن دوران استادن کي به اچڻ جو پابند نه ڪيو ويندو : سي اي او ايجوڪيشن لاهور

تعليمي ادارا کولڻ تي ڳرو ڏنڊ يا اسڪول رجسٽريشن رد ڪئي ويندي

لاهور (م د) سياري جي موڪلن دوران نجي تعليمي ادارا کولڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي، سي اي او ايجوڪيشن لاهور موجب موڪلن دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ووٽ وجھڻ هر شهري تي لازمي قرار ڏنو وڃي :ميان جليل شرقپوري

پينا فليڪس، پٽين تي اشتهارن، وال چاڪنگ ۽ بينرن تي مڪمل پابندي لڳائي وڃي

سمورن اسيمبلي ميمبرن کي عوامي خدمتن ۽ قانوني سازي لاءِ ضروري اسٽاف ڏنو وڃي

شرقپور شريف (م د) اڳوڻي ايم پي اي ميان جليل شرقپوري چيو آهي ته ووٽ وجھڻ هر شهري تي لازمي قرار ڏنو وڃي، هڪ بيان ۾ جليل شرقپوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

تبديلي جو وقت ايندو آهي ته ڪرپٽن کي ووٽ ڪندا آهيون: اياز لطيف پليجو

ظالم حڪمرانن مهانگائي ڪري، بدامني جي ڪري اسان جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي

پيپلزپارٽي چاهي ٿي ته افغانين برمين ۽ ڪي آباد ڪيون جنهن سبب ٻاهرين لوڏ ايندي رهي ٿي

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراھ اياز لطيف پليجو چيو ته پاڻ سڀ تبديلي جي ڳالھ ته تمام زبردست ڪندا آهيون مگر جڏهن تبديلي اچڻ واري اليڪشن جو ٽائيم ايندو آهي ته پوءِ پاڻ سنڌ جي همدردن هلڏ ڏو ڪين کي ووٽ ڏيڻ بجاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

آءِ ايس آءِ کي لطيف کوسا ۽ بشريٰ بي بي جي آڊيو ليڪس ڪندڙن جو پتو لڳائڻ لاءِ جاچ جو حڪم

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مبينا آڊيو ليڪس خلاف درخواست جي ٻڌڻي جو لڪت ۾ حڪمنامو جاري ڪري ڇڏيو

عدالت آڊيو کي سوشل ميڊيا تي ليڪ ڪندڙن جو پتو لڳائڻ لاءِ آءِ ايس آءِ کي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (م د) آءِ ايس آءِ کي لطيف کوسا ۽ بشريٰ بي بي جي آڊيو ليڪس ڪندڙن جو پتو لڳائڻ لاءِ جاچ جو حڪم ڏنو ويو آهياسلام آباد هاءِ ڪورٽ مبينا آڊيو ليڪس خلاف درخواست جي ٻڌڻي جو لڪت ۾ حڪمنامو جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺندڙ پرڏيهين کي ڊي پورٽ ڪرڻ جو فيصلو

سڀني غير قانوني پرڏيهين کي واپس موڪلي رهيا آهيون، جيڪي هتي رهن ٿا، انهن لاءِ پاليسي جوڙي آهي : سرفراز بگٽي

پاڪستاني شهريت رکندڙ افغاني ڪنهن به سياسي سرگرمي ۾ حصو نه وٺي سگهندا

سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺندڙن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جن کي ڊي پورٽ ڪيو پيو وڃي :نگران گهرو وزير جي پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (م د) نگران گهرو وزير سرفراز بگٽي چيو آهي ته سڀني غير قانوني پرڏيهين کي واپس موڪلي رهيا آهيون، جيڪي هتي رهن ٿا، انهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06



اسلام آباد: نگران گهرو وزير سرفراز بگٽي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ٽيڪنالاجي جي دوڙ، ڪراچي ۾ 4 سالن جو نئون ڊگري پروگرام متعارف

ڪراچي (م د) ڪراچي يونيورسٽي ۾ ڊجيٽل ميڊيا مارڪيٽنگ جي نالي سان نئون چئن سالن جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

نگران وزيراعظم جو صلاحڪار احد چيمه آمدني کان وڌيڪ اثاثن واري ڪيس مان بري

احتساب عدالت لاهور جي جج ملڪ علي ذوالقرنين اعوان آمدني درخواست منظور ڪندي محفوظ فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

عدالت گذريل ٻڌڻي تي احد چيمه جي بريت واري درخواست تي فيصلو محفوظ ڪيو هو

لاهور (م د) نگران وزيراعظم جو صلاحڪار احد چيمه آمدني کان وڌيڪ اثاثن واري ڪيس مان بري ٿي ويو احتساب عدالت لاهور جي جج ملڪ علي ذوالقرنين اعوان آمدني کان وڌيڪ اثاثا ڪيس ۾ احد چيمه جي بريت واري درخواست منظور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

بلاول سان سول سوسائٽي اڳواڻن جي ملاقات،ملڪي صورتحال تي ڳالهيون

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سول سوسائٽي جي وفد پاڪستان کي درپيش چئلينجز ۽ انهن جي حل تي پڻ ڳالهايو

بلاول ڀٽو زرداري کي سول سوسائٽي جي وفد ملڪي مسئلن جي حل جي حوالي سان سندن تجويزن ۽ خيالن کان آگاهه ڪيو

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي خدمتن ۽ ڪارڪردگي کي ساراهيو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان سول سوسائٽي جي وفد ملاقات ڪئي، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ مختلف ڪاتن جي ماڻهن وچ ۾ اهم ملڪي ۽ عالمي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سول سوسائٽي جي وفد پاڪستان کي درپيش چئلينجز ۽ انهن جي حل تي پڻ ڳالهايو،پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي سول سوسائٽي جي وفد ملڪي مسئلن جي حل جي حوالي سان سندن تجويزن ۽ خيالن کان آگاهه ڪيو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي خدمتن ۽ ڪارڪردگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16


اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان سول سوسائٽي جو وفد ملاقات ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ عمران خان جا بيان نشر ڪرڻ تي پابندي خلاف ڪيس ۾ پيمرا جو 4 ڊسمبر جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عدنان اقبال چودري، عمران خان جا بيان نشر ڪرڻ تي پابندي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

اڳوڻي وزيراعظم جي بيانن تي پابندي لاڳو ڪرڻ قانون جي ڀڃڪڙي آهي : پي ٽي آءِ جو وڪيل بئريسٽر علي طاهر

پيمرا غير قانوني طور پابندي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو، پيمرا جو 4 ڊسمبر جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏنو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ تحريڪ انصاف جي اڳوڻي چيئرمين عمران خان جا بيان نشر ڪرڻ تي پابندي خلاف ڪيس ۾ پيمرا جو 4 ڊسمبر جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عدنان اقبال چودري، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

پاڪستاني ڪمپني زهريلي مادي سان گڏليون دوائون تاهڻ ۾ ملوث قرار

ڊبليو ايڇ او آمريڪا، ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ ٻين علائقن ۾ موڪليل انهن دوائن جي سڃاڻپ ڪئي : پرڏيهي ميڊيا

اهي غير معياري دوائون پاڪستان ۾ "فارمڪس ليبارٽريز" نالي ڪمپني تيار ڪري رهي آهي

اسلام آباد (م د) صحت جي عالمي اداري (ڊبليو ايڇ او) خبردار ڪيو آهي ته پاڪستان جي هڪ دوائون ٺاهيندڙ ڪمپني غير معياري سيرپ ۽ سسپينشن ٺاهڻ ۾ ملوث نڪتي آهي، پرڏيهي ميڊيا موجب ڊبليو ايڇ او آمريڪا، ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پي ٽي آءِ باني جا الزام بي بنياد قرار، 5 لک غير قانوني پاڻ واپس ويا : مرتضيٰ سولنگي

حڪومت ملڪ ۾ آزاد، منصفاڻي ۽ غيرجانبدار چونڊون ڪرائڻ لاءِ پرعزم آهي، 8 فيبروري تي چونڊون ٿينديون

ڪنهن کي به شڪ نه هجڻ گهرجي، سمورن رجسٽرڊ سياسي پارٽين کي چونڊن ۾ برابر سيڪيورٽي ۽ موقعا ملندا

رياستي ميڊيا ڪنهن به رجسٽرڊ سياسي پارٽي کي ڪوريج ڪرڻ تي پابندي ناهي : ڪوئيٽا پريس ڪلب ۾ صوبائي وزيرن سان گڏ پريس ڪانفرنس

ڪوئيٽا (م د) اطلاعات، نشريات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي اڳوڻي چيئرمين پي ٽي آءِ جي ٽوئيٽ ۾ لڳايل الزامن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28



ڪوئيٽا: اطلاعات، نشريات ۽ پارلياماني معاملن وارو نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران گم ٿيل شهري ياسين جي گھر ڀاتين کي معاوضو ڏيڻ جي هدايت

ڪراچي (م د) سنڌ هاءِ ڪورٽ گم ٿيل شهري ياسين جي گھر ڀاتين کي معاوضو ڏيڻ جي هدايت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ادارن جو احترام هر ڪنهن تي لازمي آهي، چلي ڪانپوءِ ڪو ٽوئيٽ ناهي ڪيو: شيخ رشيد

آگسٽ 2023ع ۾ پنجاب حڪومت ٻڌايو هو ته منهنجي خلاف ڪو به ڪيس ناهي

منهنجي تڪ 56 ۽ 57 تي نندي سياست آهي، نندپڻ کان اها سوچ آهي ته سيني کي گڏ هلڻو آهي

راولپنڊي (م د)عوامي مسلم ليگ جي سربراھ اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد احمد جو چوڻ آهي ته ادارن جو احترام هر ڪنهن تي لازمي آهي، چلي ڪانپوءِ ڪو ٽوئيٽ ناهي ڪيس ميڊيا سان ڳالهائيندي شيخ رشيد احمد چيو ته آگسٽ 2023ع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ٽنڍو : مڪلي جي گرلس هاءِ اسڪول ۾ ايڪتا جي تقريب منعقد

سنڌ جي ثقافتي ڏاڻي جو حوالي سان هڪ رنگارنگ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي

ثقافتي تقريب ۾ شاگردياڻيون ثقافتي لباس اوڍي پهتيون، ڏرتيءَ جا رنگ نڪري پيا

ثقافتي ڏاڻن جي ملهائڻ سان نئون نسل پنهنجي ثقافتي قدامت ۽ تاريخ سان شناس ٿئي ٿو : اڳواڻ

ٽنڍو(رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ)مڪلي جي گرلس هاءِ اسڪول ۾ ايڪتا جي تقريب، شاگردياڻيون ثقافتي لباس اوڍي پهتيون، ڏرتيءَ جا رنگ نڪري پيا. ٽنڍي جي گرلس هاءِ اسڪول مڪلي ۾ سنڌ جي ثقافتي ڏاڻي جو حوالي سان هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02



ٽنڍو : ثقافتي تقريب دوران ٽيبلوز پيش ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ سان ريلوي ٽريڪ تي ڪراسنگ دوران هڪ بيو ترين حادثو، ڊرائيور فوت

موٽن جو ڏاو ايڪسپريس لاڙڪاڻي کان ڪوٽڙي ويندي پير شاخ وٽ ٽرڪ مٿان چڙهي وئي

حادثي سبب ٽرڪ ڊرائيور صاحب خان سولنگي ٽرين هيٺيان اچي چيباتجي فوت ٿي ويو

دادو(ن سنڌيار) دادو پرسان خداآباد ٽاڻي پرسان پير شاخ وٽ ريلوي ٽريڪ تي ڪراسنگ ڊوران هڪ بيو ترين حادثو، ٽرين ٽرڪ مٿان چڙهي وئي موٽن جو ڏاو ايڪسپريس لاڙڪاڻي کان ڪوٽڙي ويندي پير شاخ وٽ ٽرڪ مٿان چڙهي وئي، ٽرڪ ڊرائيور صاحب خان سولنگي ٽرين هيٺيان اچي چيباتجي فوت پير شاخ وٽ ڦاٽڪ نه هجڻ سبب ٽن ڏينهن دوران هيو حادثو پيش آيو آهي موٽن جو ڏاو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪيڻ_ڏيپلو مين روڊ جو ڪم ناقص ٽيڻ ۽ موريون ٽٽڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

روڊ جو ڪم ناقص ٽيڻ ۽ موريون ٽٽڻ خلاف سينگاري سمر نالي جي رهواسين جو احتجاجي مظاهرو ڪري روڊ بند ڪري ڇڏيو

روڊ جي ڪم دوران ٺهندڙ موريون ۾ گهٽ معياري سريو ۽ متيريل استعمال ڪرڻ سبب موري ٽٽي وئي آهي : مظاهرين

روڊس ڪاتي جي ڪامورن خلاف ڪاروائي ڪري روڊ جو ڪم ۽ موريون ٻيهر تعمير ڪرائي اسان کي سفري سهولت ڏني وڃي

ڪيڻ(رپورٽ محرر علي ملاح)ڪيڻ_ڏيپلو مين روڊ جو ڪم ناقص ٽيڻ ۽ موريون ٽٽڻ خلاف سينگاري سمر نالي جي رهواسين جو احتجاجي مظاهرو ڪري روڊ بند ڪري ڇڏيو ٽيڪدار ۽ روڊس ڪاتي خلاف چتي نعري بازي ٽيڪدار جي نااهلي ڪري روڊ ٺهڻ سان گڏ تتي رهيو آهي مڪلي ۾ سنڌ جي ثقافتي ڏاڻي جوحوالي سان هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02



ڪيڻ : ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

جهڏو ۾ پريمي جوڙي پاران احتجاج، تحفظ فراهم ڪرڻ جي اپيل

اڳوڻو مڙس ۽ سندس مائٽ اسان جي جان جا دشمن بڻجي ويا آهن : ناري

اسان کي مسلسل جان کان مارڻ ۽ اڳرا نتيجا پوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

جهڏو(سنڌيار) جهڏو ۾ پريمي جوڙي پاران احتجاج، تحفظ فراهم ڪرڻ جي اپيل. بدين جي گوٺ فريد هوت جي رهواسي نوجوان محبت پٽ الهجڙيو هوت ۽ سندس گهرواري مسمات فاطمه ڏي، پاڻو ڪولهي جهڏو ۾ احتجاج ڪندي دانهنديون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04



جهڏو : پيار برٽو ڪنڌ جوڙو احتجاج ڪري رهيو آهي

سکر پوليس پاران ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون

24 ڪلاڪن ڪسٽم جي سگريٽ ۽ سپاريون هٿ ڪري چار جوابدار گرفتار

جوابدار شعيب احمد، زاهد حسين، اويس ۽ عبدالفتاح کي مال سپلاءِ ڪندي گرفتار ڪيو ويو

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ)ايس ايس پي سکر جي حڪم تي بي سيڪشن ٽاڻي جي پوليس ڪجهي اظلاع تي سماجي برائي ۾ ملوث ماڻهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز پرسان بن نوجوانن جي قتل ۾ ملوث پوليس اهلڪارن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

ڀوٽ پرند جي رهواسين بن نوجوانن جي قتل ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

احتجاج دوران ڊي ايس پي عبدالله لاکيرو ۽ ايس ايڇ او عبدالخالق شاهه جيلاني جي يقين ڏهانين تي مظاهرين احتجاج ختر ڪيو

پوليس اهلڪارن اسان جي بن نوجوانن محب علي ۽ اظهر علي سولنگي کي ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي بيگناهه قتل ڪيو هو : مظاهرين

نوشهرو فيروز(ڊ ر)ڀوٽ پرند جي رهواسين بن نوجوانن جي قتل ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف پريس ڪلب نوشهرو فيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ان موقعي تي گرڻائن حاڪر علي سولنگي، محرر علي، امجد سولنگي ٻڌايو ته 25 مهينا اڳ ڊي ايس پي حميد پنهور ۽ ٻين اهلڪارن اسان جي بن نوجوانن محب علي ۽ اظهر علي سولنگي کي ڪوڙو مقابلو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13



نوشهروفيروز : نوجوانن جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڍو : اعجاز علي شاهه شيرازي جي سياڻي ٽئين سالياني ورسي تقريب

اعجاز علي شاهه شيرازي جي ورسي تقريب جون تياريون تيزي سان جاري آهن : اڳواڻ

سنڌس ڪيل عوامي خدمتن تي ٽاهيل ڊاڪومينٽري پڻ پيش ڪئي ويندي

ٽنڍو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) ٽنڍي جي شيرازي خاندان جي بزرگ هستي الحاج سيد قادر ڏنو شاهه شيرازي ۽ لاڙ جي مشهور سياستدان، اڳوڻي صوبائي وزير الحاج سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي ٽين سالياني ورسي تقريب 10 ڊسمبر آڇر جي ڏينهن شيرازي هائوس ٽنڍي ۾ نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي پٽي وڃي، جنهن جون تياريون زور شور سان جاري آهن. جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز پرسان بن نوجوانن جي قتل ۾ ملوث پوليس اهلڪارن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

ڀوٽ پرند جي رهواسين بن نوجوانن جي قتل ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

احتجاج دوران ڊي ايس پي عبدالله لاکيرو ۽ ايس ايڇ او عبدالخالق شاهه جيلاني جي يقين ڏهانين تي مظاهرين احتجاج ختر ڪيو

پوليس اهلڪارن اسان جي بن نوجوانن محب علي ۽ اظهر علي سولنگي کي ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي بيگناهه قتل ڪيو هو : مظاهرين

نوشهرو فيروز(ڊ ر)ڀوٽ پرند جي رهواسين بن نوجوانن جي قتل ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف پريس ڪلب نوشهرو فيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ان موقعي تي گرڻائن حاڪر علي سولنگي، محرر علي، امجد سولنگي ٻڌايو ته 25 مهينا اڳ ڊي ايس پي حميد پنهور ۽ ٻين اهلڪارن اسان جي بن نوجوانن محب علي ۽ اظهر علي سولنگي کي ڪوڙو مقابلو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز : نوجوانن جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڍو پوليس منشيات فروشن، گٽڪا ڪرو ڪنڊڻ ۽ چورن سميت مختلف ڪارروائين ملوث ڏوهارين خلاف ڪارروائين تيز ڪري ڇڏيون

ٽنڍو(رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ)ايس ايس پي ٽنڍو علي بخش عرف آفتاب احمد نظاماڻي جي حڪم تي ضلعي ٽنڍي جي پوليس پاران منشيات فروشن، گٽڪا ڪرو ڪنڊڻ ۽ چورن سميت مختلف ڪارروائين ملوث ڏوهارين خلاف ڪارروائين تيز ڪري ڇڏيون. انهي سلسلي ۾ مڪلي ٽاڻي جي نوجوان ايس ايڇ او مڪلي سب انسپيڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

شڪارپور : سنڌي ثقافت جي حوالي سان گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج ۾ تقريب

اسڪول جي پرنسپال ڊاڪٽر شاهد مغل، اسسٽنٽ پروفيسر منظور شيخ، اسسٽنٽ پروفيسر نويد منگي ۽ ٻين جي شرڪت

اسان کي سنڌ تي ڏاڍو ناز آهي ۽ اسان کي فخر آهي ته اسين محب وطن ۽ سنڌ امن جي ڏرتي آهي : اڳواڻ

سنڌ جي ثقافت ٽوپي اجرڪ پراڻي ثقافت آهي، اسان کي پنهنجي ثقافت سان تمام گهڻو پيار آهي

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) سنڌي ثقافت جي حوالي سان گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن مين شڪارپور ۾ زيبدست پروگرام ڪيو ويو جنهن ۾ اسڪول جي پرنسپال ڊاڪٽر شاهد مغل، اسسٽنٽ پروفيسر منظور شيخ، اسسٽنٽ پروفيسر نويد احمد منگي، اسسٽنٽ پروفيسر تنوير احمد، اسسٽنٽ پروفيسر مس شهناز خاتون، اسسٽنٽ پروفيسر ذوالفقار پيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين جي انڊس اسپتال بند ٽيڻ جي درتي پهچي وئي، ملازمن پاران احتجاج جاري

ايمرجنسي جي 16 ڊاڪٽرن مان 9 ڊاڪٽرن پگهار نه ملڻ ۽ اداري ۾ غير يقيني صورتحال جي ڪري استعيفائون ڏئي ويا

ملازمن کي پگهارو جاري نه ڪرڻ خلاف ملازمن جو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي مک گيٽ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ملازمن کي پگهارون نه ملڻ بند ٽيڻ سان گڏ اسپتال جو ڪارو هنوار ٽپ تي رهيو آهي، واهر ڪئي وڃي : مظاهرين

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ جي نگران وزير صحت جي تعصب پرستي ۽ نگران سنڌ لاڙ جي وڏي ۾ وڏي ڊاڪٽر سڪندر علي حڪومت جي بي حسي ۽ مجرمانا غفلت سبب مينڌهرو انڊس اسپتال بند ٽيڻ جي در تي ايمرجنسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22



بدين : انڊس اسپتال جا ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

شڪارپور ۾ مبينا قبضي هيٺ آيل اسڪول تان قبضو ختم، تدريسي عمل شروع

ڀوٽ بختيار برهمي ۾ ڪارروائي ڪري گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول بختيار برهمي اسڪول مٿان ڪوٽائن جو ٽيل قبضو ختم ڪرايو ويو

اسڪول تي ڪوٽائن قبضو ڪري اسڪول جي ڪلاس رومن ۾ چوپائي مال جو بهه ۽ بيو سامان رکي اسڪول جي ڪمرن کي تالا لڳائي ڇڏيا هئا

ڪلاس جي ڪمرن جا تالا ڀچي ڪوٽائن جو رکيل بهه ڪڍائي ڪمرا صفائي ڪرائي اسڪول ۾ تدريسي عمل شروع ڪرائي ڇڏيو آهي : اڳواڻ

شهدادڪوٽ(ن سنڌيار) شهدادڪوٽ ۾ مبينا قبضي هيٺ اسڪول تان قبضو ختم ڪرائي تدريسي عمل شروع ڪرايو ويو شهدادڪوٽ ۾ هاءِ ڪورٽ ۽ ڊپٽي ڪمشنر قمبر شهدادڪوٽ جي حڪم تي تعلقو ايجوڪيشن آفيسر علي عباس مگسي ڊي ايس پي شهدادڪوٽ منير احمد بگٽي شهر پرسان ڀوٽ بختيار برهمي ۾ڪارروائي ڪري گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي ڊائو اسپتال جي اوجها ڪئمپس ۾ هڪ روزهه ورڪشاپ منعقد

مڪلي ويلفيئر جي اڳواڻ ڊاڪٽر مدد علي ڀگهيو، ڊاڪٽر ممتاز بلوچ، شبير احمد پٽو سميت ٻين جي شرڪت

ورڪشاپ ۾ ڊاڪٽرن پاران اچانڪ ايڪسيڊنٽ دوران زخمي ٿيندڙن جي حياتي بچائڻ لاءِ سکيا ڏني وئي

انساني زندگيون بچائڻ لاءِ پڙهيل طبقي کي اڳيان اچڻو پوندو ۽ احتياطي اپائن بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻي پوندي : ڊاڪٽر

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر)ڪراچي ڊائو اسپتال جي اوجها ڪئمپس ۾ مڪلي ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران ام فياض ميموريل فائونڊيشن ۽ امير بخش جتا ميموريل ويلفيئر سهڪار سان پاڪستان لائيف سيور پروگرام تحت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17



ڪراچي : ورڪشاپ دوران سرٽيفڪيٽ ڏنا پيو وڃي

وارهه تعلقي ۾ ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ جي حڪمن تي عمل نه تي سگهيو

هاري آباد گارن ۽ عوام کي پاڻ جي واپارين ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽر مافيائن پاران لٽڻ وارو سلسلو برقرار

بليڪ تي پاڻ ۽ زرعي دوائن جو وڪرو سارين جي فروخت تي غير قانوني ڪنوتي جيئن جو تيئن جاري

وارهه(رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه تعلقي ۾ ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ جي حڪمن تي عمل نه تي سگهيو، هاري آباد گارن ۽ عوام کي پاڻ جي واپارين ۽ بليڪ ٽرانسپورٽر مافيائن پاران لٽڻ وارو سلسلو برقرار، موصوف ڊي سي نوٽيس کڊي نشي جهڙي نند سمهي پيو، غير قانوني ڪنوتي ختم ڪرائي سرڪار پاران مقرر ڪيل سرڪاري اڳهن واري ڪرائي تي عمل ڪرائڻ جو مطالبو

ڪرائي ۾ مهر مائينر ۽ لٺ مائينر جي آبادگارن پاران پاڻي ڪوٽ ۽ آبپاشي عملدارن خلاف احتجاجي مظاهرو

پيٺسن عيوض اوچهير ڪان مڪي لفٽ مشينون هلائڻ جو الزام ۽ پوڇڙي جي آبادگارن کي پاڻي نه پهچائڻ ۽ فصل تباهه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

داروغو ۽ سرويئر پاران رشوت عيوض مهر مائنر تي سرعام غير قانوني لفٽ مشينون هٽائي چڏيون آهن جنهن سبب پوڇڙي ۾ پاڻي نه پيو پهچي : مظاهرين

پاڻي نه پهچڻ سبب ڪٽڪ ۽ سرنهن جا فصل سڪي رهيا آهن ۽ لکين روپين جو نقصان ٿي رهيو آهي ۽ آبادگارن جو معاشي قتل ٿي رهيو آهي

ڪرائي(ن سنڌيار) ڪرائي ۾ مهر مائينر ۽ لٺ مائينر جي آبادگارن جو پاڻي ڪوٽ ۽ آبپاشي عملدارن خلاف احتجاجي مظاهرو داروغو لقمان ڪليري ۽ سرويئر غلام شبير لاشگاهه پيٺسن عيوض اوچهير ڪان مڪي لفٽ مشينون هلائڻ جو الزام ۽ پوڇڙي جي آبادگارن کي پاڻي نه پهچائڻ ۽ فصل تباهه ڪرڻ خلاف سخت نعري بازي ڪئي ۽ ناهي چو بلا ڪربلا ڪربلا جا نعرا رپورٽ موجب ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25



ڪرائو : آبادگار پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ عوامي ورڪرز پارٽي پاران احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي

هارين جي معاشي قتل عام سان گڏ ڊي اي پي ۽ اينگرو يوريا فرٽيلائيزر جي بليڪ مارڪيٽنگ خلاف احتجاج ڪيو ويو

آبادگارن جو معاشي قتل عام ڪيو پيو وڃي پر آبادگارن جي شڪايتن تي ڪو به عمل نه پيو ڪيو وڃي : مظاهرين

ڊي اي پي ۽ اينگرو يوريا فرٽيلائزر به غائب آهي، فصلن جا اڳهه مقرر ٽيل آهن پر هارين کي فصلن جو مناسب اڳهه نه پيو ڏنو وڃي

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ)عوامي ورڪرز پارٽي ضلعي سکر پاران هارين جي معاشي قتل عام سان گڏ ڊي اي پي ۽ اينگرو يوريا فرٽيلائزر جي بليڪ مارڪيٽنگ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب باهران ڪارڪنن جي وڏي اڪٺ کي خطاب ڪندي ضياءِ پٽي، ميان خيرالدين انڍڙ، مقامي اڳواڻ ضياءِ پٽي، ايڊووڪيٽ عتيق سومرو جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

مرحوم صحافي آڇر خاصخيلي کي سنڌ جو سچو عاشق قرار

مرحوم جي سنڌ جي ثقافت، سنڌ جي قديمي ماڳن، سنڌ جي قديمي ۽ ثقافتي رائدين کي هٿي رٽائڻ مرحوم جي انسان دوست ۽ سنڌ دوست ڪردار جو حصو هئا : اڳواڻ

ثقافت جي عاشق قديمي ماڳن جي تحفظ لاءِ جاکوڙيندڙ صحافي آڇر خاصخيلي جي پهرين برسي جي موقعي تي ٽنڊوآدم ۾ منعقد برسي تقريب ڪرائي وئي

ٽنڊو آدم(رپورٽر)ٽنڊوآدم: سنڌ جي اديبن، دانشورن، قلمڪارن، سماج سڌارڪ ۽ سنڌ جي ثقافت سان ڇاهه رکندڙ شخصيتن مرحوم صحافي آڇر خاصخيلي کي سنڌ جو سچو عاشق قرار ڏيندي چيو آهي ته مرحوم جي سنڌ جي ثقافتي رائدين کي هٿي رٽائڻ، سنڌ جي قديمي ماڳن، سنڌ جي قديمي ۽ ثقافتي ورثي جي تحفظ ۽ سنڌ دوست ڪردار جو حصو هئا. اهڙو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

شهدادڪوٽ ۾ پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ ۽ سارين جا اڳهه مناسب نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

عوامي ورڪرز پارٽي ۽ شهر جي سياسي سماجي تنظيمن جي ڪارڪنن ستار مگسنهار، عامر پنداڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پاڻ جي واپارين پاران پاڻ لڳائي بليڪ تي ۽ من پسند اگ تي وڪرو ڪيو پيو وڃي، ڪير به پڇڻ وارو ناهي : مظاهرين

سارين جا مناسب اڳهه نه ملڻ جو نوٽيس وٽي واپارين خلاف ڪارروائي ڪري هارين ۽ آبادگارن ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

شهدادڪوٽ(شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ عوامي ورڪرز پارٽي پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ ۽ سارين جا اگ مناسب نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو، عوامي ورڪرز پارٽي ۽ شهر جي سياسي سماجي تنظيمن جي ڪارڪنن ستار مگسنهار، عامر پنداڻي، شهري اتحاد صدر وهاب پنداڻي، مزدور اڳواڻ ڪامريڊ عرس سيلرو، عبدالمالڪ پنداڻي، شعيب بلوچ ۽ ٻين پاران هٿن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31



شهدادڪوٽ : پاڻ جي بليڪ تي وڪري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

عمرڪوٽ ۾ انٽرنيشنل اينٽي ڪرپشن ڊي تي هڪ ڏينهن جو سيمينار منعقد

هر سال 9 ڊسمبر کي ڪرپشن جي خاتمي جو عالمي ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي : ايڊووڪيٽ محمد بخش ڪنير

رشوت خوري جي حوالي سان عام ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪري رشوت کان بچايو وڃي ۽ رشوت جو خاتمو آندو وڃي

ڪرپشن ذاتي مفاد جي لاءِ اختيارات جو ناجائز فائدو وٺڻ جو نالو آهي دنيا جي هر دور ۾ اڪثر ملڪن ۾ انهي جو وجود رهيو آهي

عمرڪوٽ (ڊ ر)سماجي تنظيم سڪار ويلفيئر آرگنائيزيشن عمرڪوٽ پاران ٽرانسپرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جي سهڪار سان ٿر انسٽيٽيوٽ آف ٽرسٽنگ ۽ الائيڊ هيلٿ سائنسز عمرڪوٽ ۾ انٽرنيشنل اينٽي ڪرپشن ڊي تي هڪ ڏينهن جو سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار ۾ شاگردن، نوجوانن سماجي ادارن ۽ سرڪاري ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي. ان مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

مٺياڻي پرسان پراڻا جتوئي ڏوهارين جو ڪڙهه بٽيل

علاقي ۾ مختلف چورن ۽ ڦورن جا ٽولا سرگرم، رهواسي پريشان

ٽن هٿياربندن موٽر سائيڪل سميت يرغمال ڪري ورتو

مٺياڻي(رپورٽر) مٺياڻي پرسان پراڻا جتوئي ڏوهارين جو ڪڙهه بٽيل، مختلف چورن ۽ ڦورن جا ٽولا سرگرم، عوام ڏوهارين جي رحم ڪرم تي هلڻ لڳو. مٺياڻي کان پراڻا جتوئي ويندڙ وحيد قمبراڻي کي ٽن هٿياربندن موٽر سائيڪل سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شهدادڪوٽ ۾ ڪامريڊ سوپي گيانچنداڻي جي 9 ورسي تقريب

ڪامريڊ سوپي پنهنجي سموري زندگي مزدورن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي : اڳواڻ

هو سڀني مسڪين غريب هارين جي حقن جي حاصلات لاءِ ميدان ۾ رهيو

شهدادڪوٽ(ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ ايشاءِ جي عظيم ڏاهي ڪامريڊ سوپي گيانچنداڻي جي 9 ورسي جي حوالي سان تقريب کوناڻي خراج پيش ڪيو ويو. ليبر هال شهدادڪوٽ ۾ سينيئر ڪميونسٽ اڳواڻن پاران ڪامريڊ سوپي گيانچنداڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شڪارپور ۾ ڊپٽي ڪمشنر سان سماجي اڳواڻ راجا امام الدين معرفاڻي جي ملاقات

لوڊ شيڊنگ، اسڪولن ۾ سهولتن جي ڪوٽ سميت اين جي اوز جي ڪارڪردگي بابت درخواستون ڏنيون

لاڳاپيل ادارن کي احڪامات جاري ڪندي جائز مسئلا فوري طور تي حل ڪرڻ جون هدايتون

شڪارپور(عبدالخالق سومرو)سماجي اڳواڻ راجا امام الدين معرفاڻي جي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد چاچڙ سان سندس آفيس ۾ ملاقات، شهر ۾ غير اعلانيل لوڊ شيڊنگ، اسڪولن ۾ سهولتن جي ڪوٽ سميت اين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29



شڪارپور : ملاقات دوران اڳواڻ جو ورتل فوٽو

نئون ڪوٽ ۾ شهرين پاران بااثرن خلاف احتجاج

بااثر بنا جواز اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪري مارڪٽ ڪئي آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

نئون ڪوٽ(رپورٽر)نئون ڪوٽ ۾ شهرين پاران بااثرن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو، گنج بخش ڪالوتي نئون ڪوٽ جي رهواسين عاشق علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15



نئون ڪوٽ : رهواسي بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

هر روز بجلي جي بلن ۾ واڌ ڪهڙو قانون آهي : صفيه بلوچ

بجلي جي بلن ۾ واڌ سان پاڪستان جي عوام مشڪلات جو شڪار ٿئي پئي

اسان کي ٻئي ڪنهن ملڪ جي نه پر پنهنجي ملڪ جي عوام جي پڏڻي آهي

سکر(رپورٽ :امداد علي گل ڪلوڙ)پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيئر اڳواڻ صفيه بلوچ پنهنجي رهائشگاهه تي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته بجلي جي بلن ۾ واڌ سان پاڪستان جي عوام مشڪلات جو شڪار ٿئي پئي هر روز بجلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

15 ڏينهن اندر گئس جي گهٽ پريشر وارو معاملو حل ڪيو وڃي : ريجنل هيڊ سکر

سکر ايڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (سيپڪو) ۽ سوئي سدرن گئس ڪمپني خلاف داخل درخواستن جي پڏڻي ڪئي

گئس ڪمپني خلاف داخل ڪيل 72 درخواستن مان 60 درخواستون گئس جي گهٽ پريش بابت هيون

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي جي هدايتن تي وفاقي محتسب سکر جي ريجنل هيڊ سيد محمود علي شاهه، اڄ لاڙڪاڻي ۾ سکر ايڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (سيپڪو) ۽ سوئي سدرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20



سکر : گڏجاڻي دوران اڳواڻ مسئلا ٻڌي رهيا آهن

ٽنڍو : ڪلياڻي تقريب دوران ٽيبلوز پيش ڪيا پيا وڃن

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 09 ڊسمبر 2023ع

سنڌ جي زمين ادارن بدران هارين کي ڏني وڃي

هونئن ته سنڌ جون زمينون پگهڙن مٽ تي نيلام ڪرڻ وارو سلسلو گهڻي وقت کان هلندڙ آهي، جنهن جي خلاف سول سوسائٽي ۽ سياسي توڙي قومپرست ڌرين پرامن احتجاج ڪنديون رهيون آهن، پر انهن جي احتجاج کي سدائين نظرانداز ڪيو ويو آهي ۽ ان معاملي متعلق ڪا به اهڙي اڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي، جنهن ۾ ڌرتي ڌڻين کي ان ڳالهه جو احساس ٿئي ته هن ملڪ ۾ سندن آواز کي به ڪو ٻڌڻ وارو آهي، پر حقيقت اها آهي ته هتي ڪنهن جو سڏ ورنائڻ جي بدران ڪيس خاموش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، ڪنهن سان ٿيل ناانصافي جو ازالو ڪرڻ جي بدران ويتر ساڻس زيادتي ڪئي ويندي آهي.

ويجهي ماضي ۾ سنڌ جي سوين ايڪڙ زرعي زمين تي ملڪ رياض قبضو ڪري بحريا ٽائون ٺاهيو، جنهن جي خلاف پڻ تاريخ جا وڏا احتجاج ڪيا ويا، پر حڪومت ملڪ رياض جي ناجائز والار روڪڻ جي بدران سنڌ جي سوين سياسي ڪارڪنن توڙي عام ماڻهن ۽ اڳواڻن تي مختلف نوعيت جا ڪيس داخل ڪري ڪين جيل اماڻي ڇڏيو هو. بحريا ٽائون وارو معاملو سپريم ڪورٽ ۾ به ويو پر ان جي والار ۽ تعميري ڪم رڪجي نه سگهيو، جيڪو اڃان تائين جاري آهي. ٻئي طرف بحريا ٽائون لاهور جون ڪيئي تيار ٿيل بلڊنگون شهباز شريف جي وڏ وزارت دوران ڪيرايون ويون هيون، جيڪي سرڪاري ۽ قبضي جي زمينن تي ٺاهيون ويون هيون. ياد رهي ته ان قبضي جي خلاف اتي ڪو به عوامي ردعمل سامهون نه آيو هو. پر تنهن جي باوجود به صوبائي حڪومت سخت ايڪشن وٺي قبضا گيرن جي خلاف ڪارروائي ڪئي هئي.

ڪجهه ڏينهن کان سنڌ جي 54 هزار ايڪڙ زمين ادارن جي حوالي ڪرڻ جون خبرون اچي رهيون آهن. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته ادارن جي قبضي ۾ اڳ ۾ ئي تمام گهڻي زمين آهي. جيڪا گهڻي ڀاڱي خالي ۽ ويران پيل نظر ايندي آهي، اها زمين ايتري وڌيڪ آهي جو حقيقي طور ادارن کي ايندڙ پنجاه سالن تائين ٻي زمين جي ڪا به گهرج نه ٿيندي. شايد اهوئي سبب آهي جو عدالت پنجاب جي زمين ادارن کي ڏيڻ جي خلاف فيصلو ڏئي چڪي آهي، سنڌ جو عوام پڻ ملڪي عدالتن مان اهڙي انصاف ۽ ان قسم جي فيصلي جي توقع رکي ٿو.

سنڌ توڙي ملڪ جي انساني آبادي تيزي سان وڌي رهي آهي، ان لاءِ اسان کي زرعي آبادي وڌائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ هارين جا هٿ مضبوط ڪري زرعي سڌارا آڻڻا پوندا ته جيئن مستقبل ۾ خوراڪ جي کوٽ پيدا نه ٿئي، ان لاءِ سنڌ جون زمينون ادارن کي ڏيڻ جي بدران بي زمين هارين کي ڏنيون وڃن، جنهن سان هڪ طرف سوين هارين جو جيئڻ سهنجو ٿي پوندو، جن وٽ گذر سفر جو ڪو به ذريعو ناهي، ته ٻئي طرف زرعي آبادي وڌڻ سبب ملڪي معيشت کي فائدو پهچندو ۽ ملڪ ۾ امڪاني خوراڪ جي کوٽ کي منهن ڏئي سگهبو.

رشيد صابر جي 11 هين ورسي

عنايت قمبراڻي

هي دنيا فاني آهي هتان هر ڪنهن کي پنهنجي آخري سفر تي وڃڻو آهي دنيا جا مهان معتبر امير وزير مشير ليکڪ اديب دانشور شاعر درويش صفت انسان سڀئي پنهنجو وارو وڄايي هن جهان مان رخصت ته ٿي ويا پر هن جهان ۾ سندن ڪيل جاکوڙ بهترين ڪم بهترين عمل ۽ اعلي ڪردار کي هميشه انهي کي ياد رکيو ويندو آهي جو انهن پنهنجي زندگي جو وڏو حصو محنت جدوجهد ۽ جستجو ڪندي گذاريو اهڙن انمول هيرن منجهان سنڌ جي لاڙ واري ساموندي پٽيءَ ۾ جنم وٺندڙنالي وارو اديب دانشور ليکڪ ڊراما نويس ۽ سنڌي فلمن جو بهترين ليکڪ رشيد صابر پڻ هڪ آهي جنهن کي اسان کان وڇڙندي يارهن سال ته گذري ويا آهن پر هو اڄ به سندس ڪيل محنت ،قلمي پورهئي جي بدولت فلمن،ڊرامن،ڪهاڻين ۽ ڪتابن جي صورت ۾ پنهنجي چاهيندڙن جي روح کي راحت بخشي اهو احساس ڏيارين ٿا ته هو جسماني طور تي ته اسان کان وڇڙي ويا آهن پر روحاني طور تياسان سان گڏ آهن ۽ ڊراما،فلمون،ڪتاب ڪيس ڪجه گهڙين لاءِ پنهنجي چاهيندڙن جي تمام گهڻو ويجهو ڪري ٿا ڇڏين لاڙ پٽي جي ڳوهيل متي مان جنم وٺندڙ رشيد صابر 10 جنوري 1945ع تي موجوده ضلعي سجاول جي ساموندي پٽي واري علائقي تعلقي جاتي ۾ هذهبي گهراڻي سان تعلق رکندڙ عبدالله مندرو جي اڱڻ تي اک کولي سندس والد سندس نالو عبدالرشيد رکيو،سندس تعلق مذهبي گهراڻي سان هجڻ ۽ سندس خاندان ۾ اڳ ۾ ئي بهترين عالمن جي موجودگي سبب سندس والد محترم کيس ابتدائي تعليم لاءِ ڳوٺ جي ئي مدرسي "الفيض" ۾ داخل ڪرايو جتان پاڻ شروعاتي طور تي مذهبي تعليم حاصل ڪندي فقه ۽ حديث ۾ مهارت حاصل ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد جي اورينٽل ڪاليج مان اديب فاضل (مولوي فاضل) جي ڊگري حاصل ڪري نور محمد هاءِ اسڪول ۾ عربي جو استاد مقرر ٿيو،انهي دوران نوڪري سان گڏوگڏ پنهنجي تعليم کي جاري رکندي پهرين بي اي ۽ پوءِ ايم اي جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين،سنڌي کان سواءِ اردو عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ ڪيس مهارت حاصل هئي. علم ادب ۽ قلم سان محبت ۽ استاد جهڙي مقدس پيشي سان وابستگي ڪيس لکڻ جون راهون هموار ڪيون ۽ انهي دوران پاڻ اسلامڪ اسٽڊيز تي به ڪتاب لکيا، جيڪي بي اي ۽ ايم اي جي تدريسي نصاب ۾ شامل آهن.ان کان سواءِ سندس پهريون ڪتاب "مولوي عبدالرشيد ميندرو کان رشيد صابر تائين" جنهن ۾ سندس زندگيءَ تي مختلف شخصيتن جا تاثرات لکيل آهن ، ٻيو ڪتاب "رشيد صابر جا چونڊ ريڊيو ڊراما" هن ڪتاب ۾ سندس منفرد ۽ مشهور ريڊيو ڊراما شايع ڪيا ويا آهن ۽ ٽيون ڪتاب "رشيد صابر جا ٽي وي ڊراما"جيڪو هاڻي شايع ٿيو آهي.

1965ع جي پاڪ ڀارت جنگ کان پوءِ جڏهن جنگي قيدين جي واپسي شروع ٿي ته هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد لاءِ يادگار ڊرامو "ٽيٽ ڦٽندي باک" لکيو،پاڻ ريڊيو پاڪستان لاءِ 300 کان وڌيڪ مختلف موضوعن تي ڊراما بيشمار ڊاڪيومينٽريون،مذهبي پروگرام،خاڪا ۽ تقريرون پڻ لکيون،مشهور مزاحيه ريڊيو پروگرام "گلدستو" جو اسڪرپٽ پڻ پاڻ لکندو هو.کيس ريڊيو پاڪستان ڪراچي پاران به پيرا صدارتي ايوارڊ لاءِ نامزد ڪيو ويو.

رشيد صابر ريڊيو پاڪستان تي جن پروڊيوسرن سان گڏ ڪم ڪيو انهن ۾ سيد منظور نقوي نصير مرزا، شيخ ابراهيم، ارشاد اعوان، ممتاز اعوان، نصير سومرو، نثار ميمڻ، ڪوثر بروهي، گل حسن قريشي، جهانگير قريشي، ممتاز شيخ آغا محمد علي، خليل چنا، نورالله ٻگهيو سميت ڪيترين ئي نامور شخصيتون شامل آهن، پي ٽي وي تي هن عوامي معلومات جي پروگرام "وينجهار ۽ پرک " لاءِ معلوماتي سوال ۽ جواب لکيا.ان کان علاوه هن پي ٽي وي جي ڊاڪيومينٽري پروگرام "واهه سواءِ "، "حال احوال" ۽ "ناٽڪ رنگ" لاءِ به ڪيترائي ڊراما لکيا.پي ٽي وي تي پاڻ اعجاز عليم عقيلي، بيدل مسرور، محمد بخش سميجو، هارون رند، ذوالفقار نقوي، سميع بلوچ، منظور قريشي، منظور مگسي، اقبال سعيد انصاري، فيض باغيو، اقبال احمد، بادل جمالي، نعيم بلوچ، حسين خانزادو، مقبول شجره، هارون جمالي، فدا سومرو، الطاف سومرو ۽ سلطانه صديقي سان گڏ ڪيترن ئي ڊرامن ۾ ڪم ڪيو جڏهن ته ڪي ٽي اين ۽ سنڌ ٽي وي تي پڻ سندس ڪيترائي ڊراما نشر ٿي چڪا آهن.

ڪي ٽي اين تي هن نورجوکيو ۽ سنڌ ٽي وي تي ڊاڪٽر عبدالڪريم راڄپر سان گڏ ڪم ڪيو،هن پرائيويٽ چينلن لاءِ پڻ ڊراما لکيا جن ۾ "ساحل سي دور" "سندس مشهور ڊرامو هو ۽انهي جي پهريون پيرو هدايتڪاري طلعت حسين ڏني هئي،انهي کان علاوه هن ٻيا ڪيترائي ڊراما لکيا جن ۾ "ميرا ڪيا قصور، زندگي ڪا زهر، چوڏوين کي رات، ٽي وي ون، آئينا ۽ ٻيا ڪيترائي مشهور ڊراما شامل آهن.هن 1979ع ۾ سنڌي ڊرامي "فلور نمبرون" سان ڪراچي اسٽيج جو بنياد رکيو ۽ ڪيترائي اسٽيج ڊراما لکيا، انهن اسٽيج ڊرامن ۾ "جاني نه پائي"، "ايڪ انار دو بيمار"، "گهوٽ اڻ موٽ"، "قرض مرض فرض"، "آڌي پچا"، "شادي يا تادي"، "شادي شان واري"، "دلگير دامن گير"، "مڪس پليٽ"، "ڪتي آيو خير سان"، "شادي يا بربادي" وغيره شامل آهن. هن 1984ع ۾ صدر ضياءُ الحق جي سڏايل فلمي اجلاس ۾ سنڌي فلمن جي نمائندگي ڪئي ۽ سنڌي فلمن تي ٽيڪس معاف ڪرايو.سندس لکيل سنڌي فلمن ۾ "گهاتو گهر نه آيا"، طوفان، قل ماچي، برسات جي رات، سهڻا سائين، هو جمالو، قيدي، مهراڻ جاموٽي ۽ ٻيون شامل آهن جڏهن ته اردو فلم "آخري گولي" ۾ به پاڻ ڪهاڻيون لکيون ۽ انهي فلم ۾ اداڪاري پڻ ڪئي، رشيد صابر نه رڳو پنهنجي

منفرد لکڻين ذريعي اعلي مقام حاصل ڪيو پر هن پنهنجي آواز اداڪاري،صداڪاري ۽ هدايتڪاري ۾ به پاڻ مڃرايو ڪيس سرڪاري توڙي ڪيترن ئي خانگي ادارن پاران ڪيترا ايوارڊ پڻ مليا آهن.پاڻ 7ڊسمبر 2012ع تي پنهنجون ڪيتريون ئي يادون اسان لاءِ ڇڏي هميشه هميشه لاءِ اسان کان جسماني طور تي ته وڇڙي ويو آهي پر روحاني طور تي اڄ به اسان سان پنهنجي لکڻين،ڊرامن،فلمن ۽ ڪتابن جي صورت ۾ گڏ آهي اسان سندس يارهين ورسي جي موقعي تي کيس خراج تحسين پيش ڪريون ٿا.

ڪوئي ڪُهي سُپرين، ڪوئي ڪُهڻَ سانُ؛
نيزي هيٺان نِينهن جي، پاسي ڪر مَ پاڻُ؛
جُلُ، وِڃائي جانُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

مُهانگائي جو هي طوفان ڪڏهن رڪندو؟

تحرير: زارا نواز شيخ

ملڪ جا ڪيترائي بنيادي مسئلا آهن جيڪي گذريل ڪيئن سالن کان حل نه ٿي سگهيا آهن، جن مان وڏي ۾ وڏو مسئلو نوجوانن جي بيروزگاري، وڌندڙ مهانگائي آهي، پر ان کي ختم ڪرڻ يا ان مسئلي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪا به حڪومت يا سياستدان سنجيدگي جو مظاهرو نٿا ڪن، جنهن سبب اهو مهانگائي جو پراڻو مسئلو هن وقت تائين حل نه ٿي سگهيو آهي، مطلب ته هر ايندڙ ڏينهن مهانگائي جو هڪ نئون طوفان ايندو ٿو رهي.

گذريل ڏيڍ سال جي شهباز حڪومت کان وٺي موجوده حڪومت جي ٻن مهينن ۾ رڪارڊ مهانگائي ٿي رهي آهي، ن ليگ وٽ صرف هڪ ٿي واويلا رهجي ويو آهي ته عمران حڪومت مهانگائي جي ذميوار آهي، ڏيڍ سال جي حڪومت جا ڪجهه مثال توهان جي سامهون پيش ڪجن ٿا ته موجوده حڪومت جي سميت ٻن سالن اندر ملڪ ۾ ڪيتري حد تائين مهانگائي وڌي آهي، ڏٺو وڃي ته پي ٽي آءِ حڪومت دوران گيهه 275 مان 540 تي پهچي چڪو آهي، آئل 120 مان 560 هڪ لٽر تي ويو آهي، جڏهن ته کنڊ 50 مان وڌي 180 روپيا ڪلو تي وئي آهي، اٽو 40 مان 130 روپيا، دال 320، ڏڌي 320 ،نيسلي کير 270 ليٽر ۽ ڪليل ڊيري 200، ڪلو تي پهتا آهن، سرف اڌڪلو 290 صابڻ 95 ،بيسٽ 195 ،روزمره جي شين ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافي سان غريبن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي.

غريب جيڪو ٻه ويلا ماني لاءِ پريشانيءَ واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي، اهو غريب مسڪين وڌندڙ مهانگائي کي ڪيئن منهن ڏئي ٿو سگهي، اسڪولن جي فيس بجلي جا بل گيس جا بل ،شادي غمي اٿڻي ويهڻي روز مره جو خرچ پاڃيون گوشت وغيره ميوا ته عام ماڻهو خوابن ۾ يا وري جنت ۾ کائيندا، آخر غريب مزدور ماڻهو هن رڪارڊ مهانگائي واري دور ۾ پنهنجي گهر جو گذر سفر ڪيئن ڪري سگهي ٿو؟ جڏهن به ملڪ اندر پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ ٿيندي آهي ته روزمره جي شين کي پر لڳي ويندا آهن جنهن سبب ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي جو جن بوتل مان نڪري ايندو آهي، جنهن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪير به سنجيده نه آهي، پيٽرول جيڪو 2 سال اڳ 150 روپيا لٽر ملندو هو اڄ اهو ساڳيو پيٽرول ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 282 روپيا لٽر تي پهچي چڪو آهي پر اڄ به اسان جا حڪمران ايئن چوڻ ۾ فخر محسوس ٿا ڪن ته ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ پاڪستان اندر پيٽرول سستي اگهه تي وڪرو ٿي رهيو آهي، شايد حڪمرانن کي اها خبر نه آهي ته جن ملڪن اندر پيٽرول مهانگو آهي ته انهن جي ڪرنسي به اسان جي ملڪ کان وڌيڪ قدر واري آهي، جيڪڏهن ٻين ملڪن ۾ پيٽرول مهانگي اگهه تي وڪرو ٿيندو آهي ته انهن ملڪن ۾ کاڌي پيتي جون شيون اڄ به سستي اگهه تي ملي رهيون آهن پر دنيا اندر فقط اسان جو ملڪ آهي جتي هر شيءِ ڏينهون ڏينهن مهانگي ٿي رهي آهي، وڏي ڳالهه اها آهي ته ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي جي ذميواري ڪير قبولڻ لاءِ تيار نه آهي، سوال ٿو پيدا ٿئي ته آخر ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي جو ذميوار ڪير آهي؟

ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي جا ذميوار واپارين کان وٺي ملڪ جا حڪمران آهن. وقت جي حڪمرانن کي گهرجي ته پنهنجي شاهي خرچن کي گهٽائي ڇڏين جنهن سان نائي ۽ بجيٽ وارو ماحول جڙي سگهي ٿو جيڪڏهن وقت جا حڪمران غريبن سان زيادتي ڪن ته اپوزيشن پارٽين جو فرض آهي ته اهي انهن زيادتين تي خاموشي اختيار نه ڪن عوام جي حقن لاءِ آواز بلند ڪن پر افسوس ته گذريل ڪجهه سالن کان جهڙي طرح حڪومت عوام سان زيادتيون ڪري رهي آهي، بلڪل ساڳي طرح اپوزيشن پارٽيون انهن جا ليڊر ميمبر خاموش نظر اچن ٿا، اپوزيشن ته رهي نه آهي مظلوم عوام ڪاڏي وڃي. مطلب ته پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي ڪري عوام کي ويتر پريشانين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو اٿن، ياد رهي ته سرڪاري ملازمن توڙي نجي ملازمن جي پگهارن ۾ سال اندر هڪ دفعو واڌارو ٿيندو آهي ته پوءِ بل ۾ واڌارو هر مهيني جو ٿو ٿئي؟ عام ماڻهو جو سوال آهي ،ته پوءِ مهانگائي سال اندر هڪ ڀيري کان وڌيڪ ڇو ڪئي ويندي آهي؟ جيڪڏهن تيل جون قيمتون عالمي مارڪيٽ جي حساب سان وڌائين ٿا ته پوءِ ملازمن جون پگهارون ۽ مزدورن جي ڏهاڙي عالمي ليول تي ڇو نٿا وڌائين.

وڏي افسوس جو مقام آهي ته ملڪ اندر هڪ پاسي مهانگائي جو طوفان هلي رهيو آهي ته ٻئي پاسي وفاقي حڪومت عوام جي ٽيڪس مان وفاقي وزيرن جي آسائشن تي خرچ ڪري رهي آهي هن وقت به اهو سلسلو جاري آهي ، جڏهن عالمي منڊي ۾ تيل ڊالر ۾ گهٽتائي اچي ٿي ته پوءِ اگهن ۾ مهانگائي ۾ ڪمي چونڊي اچي جو عمل درآمد نٿو ڪرايون وڃي. ڊپٽي ڪمشنر جي ذميواري الائي ڪهڙي آهي جو ريٽ ته گهٽ ڪيا ٿا وڃن ته چيڪ ڪيو ٿو وڃي ته ڪا ريٽ لسٽ ئي ڪڏهن نظر اچي ٿي هر دڪاندار پنهنجي مرضي سان سامان جو اگهه مقرر ڪري وڪرو ڪري رهيا آهن.

ياد رهي ته سرڪاري ملازمن توڙي نجي ملازمن جي پگهارن ۾ سال اندر هڪ دفعو واڌارو ٿيندو آهي ته پوءِ بل ۾ واڌارو هر مهيني جو ٿو ٿئي؟ عام ماڻهو جو سوال آهي ،ته پوءِ مهانگائي سال اندر هڪ ڀيري کان وڌيڪ ڇو ڪئي ويندي آهي؟ جيڪڏهن تيل جون قيمتون عالمي مارڪيٽ جي حساب سان وڌائين ٿا ته پوءِ ملازمن جون پگهارون ۽ مزدورن جي ڏهاڙي عالمي ليول تي ڇو نٿا وڌائين. جڏهن به ملڪ اندر پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ ٿيندي آهي ته روزمره جي شين کي پر لڳي ويندا آهن جنهن سبب ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي جو جن بوتل مان نڪري ايندو آهي، جنهن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪير به سنجيده نه آهي.

بقايا 01

ته ڏنيون آهن هن چيو ته پ پ پ لاڳيتو اڳتي طرف سفر ڪيو ۽ پنهنجي تجربن کان سکيو آهي، اهڙي ريت اسان هڪ نئين جوش ۽ فرض جي احساس سان گڏ پاڪستاني عوام جي خدمت لاءِ تيار آهيون. شريڪ چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي وڌيڪ چيو ته ايندڙ سالن ۾ بحالي لاءِ اسان جن اهم شعبن تي روشني وڌي آهي اُنهن ۾ خوراڪ، تعليم ۽ صحت نمايان آهن هن چيو ته شفافيت ۽ بهتر حڪمراني کي يقيني بڻائڻ لاءِ خوراڪ، تعليم ۽ صحت جهڙن اهم کاتن جي مڪمل ڊجيٽلائزيشن اٿر آهي چاڪاڻ ته اهي کاتا عام ماڻهو جي فلاح ۽ ڀهبود لاءِ ضروري خدمتون فراهم ڪندا آهن اڳوڻي صدر ۽ پ پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري وڌيڪ چيو ته هراسمينٽ قانونن کي وڌيڪ مضبوط ۽ انهن تي عملدرآمد بڻائڻو آهي ته جيئن اسانجي سماج ۾ عورتن کي بغير ڪنهن خوف ۽ تعصب جي ڪم ڪرڻ جي اجازت ۽ موقعو فراهم ٿي سگهي، پ پ پ هميشه کان عورتن جي حقن جي علمبردار رهي آهي ۽ ان جماعت ٿي شهيد محترمه بينظيربڻو جي صورت ۾ اسلامي دنيا کي پهرئين عورت وزيراعظم سان به نوازيو

بقايا 02

هي هو 17 آڪٽوبر 2021 کان 11 اپريل 2022ع تائين عمران خان جي ڪابينه ۾ نائب وارو وزير رهيو

بقايا 03

منظوري ورتي وئي. لڦاڦو ڪولي ڏنو ٿي ته وينواز شريف چيو ته ڪجهه زخم اهڙا هوندا آهن جيڪي ڪڏهن به ڀرجندا ناهن. اسان پوءِ به صبر جو مظاهرو ڪيو ن ليگ جي قيادت کي ڏکيائين سان منهن ڏيڻو پيو چاهيون ٿا ته پاڪستان کي ترقي جي رستي تي بيهر آڻيون، خواهش آهي پاڪستان کي معاشي ڌئڻ مان ٻاهر ڪڍيو وڃي نواز شريف پي ٽي آءِ جي اڳوڻي چيئرمين جو نالو ڪڍڻ بدران چيو ته ملڪ تي هڪ اهڙي نااهل ۽ نالائق کي مسلط ڪيو ويو جنهن کي معيشت جي ڪا به خبر نه هئي، اهو شخص صرف زباني ڪلامي رياست مدينه چوندو رهيو

بقايا 04

ٿي هئي ذريعن جو چوڻ آهي ته ٻنهي پارٽين ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ ڪرڻ تي اتفاق ٿي ويو آهي ايندڙ مرحلي ۾ گڏجاڻين دوران پيپر ورڪ ڪيو ويندو ته سيٽن جو تعداد ڇا هوندو؟

بقايا 05

ڪري ڇڏيو جسٽس بابر ستار طرفان 5 صفحن تي ٻڌل لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪيو ويو عدالت آڊيو ڪي سوشل ميڊيا تي ليڪ ڪندڙن جو پتو لڳائڻ لاءِ ايس آءِ ڪي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت پنهنجي حڪم ۾ چيو ته گهربل ٽيڪنالوجي استعمال ڪري پتو لڳايو وڃي ته آڊيو سپ کان پهرين ڪنهن ليڪ ڪئي؟ عدالت سوال ڪيو ته ٻڌايو وڃي ته اهڙي قسم جي آڊيوز قومي ميڊيا تي نشر ڪري سگهجي ٿي؛ ڊي جي آءِ ايس آءِ، ايف آءِ اي ۽ پي ٽي اي 10 ڏينهن ۾ پنهنجي رپورٽس ڏين، پي ٽي اي ان اڪائونٽس کي ٽريس ڪري، جتان سڀ کان پهرين آڊيو رليز ٿيڻ درخواست ۽ عدالتي حڪمنامو ڊي جي آءِ ايس آءِ، پي ٽي اي،ايف آءِ اي ۽ پيمرا کي موڪلڻ جو به حڪم ڏنو ويو آهي

بقايا 06

لاءِ پاليسي جوڙي آهي، سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺندڙ افغانين کي ڊي پورٽ ڪنداسين پريس ڪانفرنس ڪندي سرفراز بگٽي چيو ته پاڪستاني شهريت رکندڙ افغاني ڪنهن به سياسي سرگرمي ۾ حصو نه وٺي سگهندا، سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺندڙن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جن کي ڊي پورٽ ڪيو ويندو. هن چيو ته اسان چونڊن جي حوالي سان سيڪيورٽي فراهم ڪنداسين، رياستي ادارن کي هڪ هڪ انچ جي حفاظت ڪرڻي پوندي آهي، سيڪيورٽي جي حوالي سان اليڪشن ڪميشن جي هر درخواست تي عمل ڪنداسين.

بقايا 07

ڊگري پروگرام متعارف ڪرايو ويو آهي. ڊجيٽل ميڊيا مارڪيٽنگ پروگرام ماس ميڊيا شعبي تحت شروع ڪيو پيو وڃي ۽ ان پروگرام ۾ فوري طور داخلائون شروع ٿي رهيون آهن. ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسر سرور نسيم هال ۾ ان پروگرام جي حوالي سان تعارفي تقريب رٿي وئي. وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خالد عراقي تقريب ۾ خطاب ڪندي چيو ته اسان پولٽري سائنسز، هيومن نيوٽريشن، اسپورٽس ڊگري مئنيجمينٽ ڪانپوءِ هاڻ ڊجيٽل ميڊيا مارڪيٽنگ جو پروگرام متعارف ڪرايو آهي. هن چيو ته دنيا تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي ۽ اسان کي تعليمي شعبي ۾ به وقت سان نوان شعبا متعارف ڪرائڻا پوندا ۽ ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪرڻو پوندو سندس چوڻ هو ته ڊجيٽلائيزيشن سبب هاڻ ڪنهن کان ڪا شئي لڪل ناهي پر اهو تصور نه ڪيو وڃي ته روايتي ميڊيا جي گنجائش ختم ٿي وئي آهي، ان جو سبب اهو آهي ته ڊجيٽل ميڊيا کي بنياد ته روايتي ميڊيا ئي فراهم ڪري رهي آهي.

بقايا 08

جو افتتاح ڪيو. وڏي وزير جي پهچڻ تي وزير ثقافت جنيد علي شاه، صوبائي وزير تعليم رانا حسين، وزير اطلاعات احمد شاه، سيڪريٽري ثقافت خالد چاچڙ سندس آجيان ڪندي گل، اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي پيش ڪئي، جسٽس باقر فيسٽيول ۾ لڳل مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو اتي اسٽالن تي موجود شهرين سان مليو فيسٽيول بابت پڇيو جنهن تي شهرين واکاڻ ڪئي. شهرين وڏي وزير سان سيلفيون ورتيون ۽ تصويرون پڻ ڪڍيون ۽ وڏي وزير فيملين سان گڏ آيل ٻارڙن سان همدردي جو اظهار پڻ ڪيو وڏي وزير سنڌ جي سڃاڻپ "اوطاق" جو دورو ڪيو اتي ويهي منتظمين سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ پاڻ سان گڏ ويٺل وزير ثقافت کي فيسٽيول جي انعقاد تي ساراهيندي چيو ته سنڌ ثقافت کاتي پاران هر سال سنڌ ڪرافٽ فيسٽيول منعقد ڪرڻ سنو سنوڻن آهي جنهن ۾ سنڌ جي روايتن ۽ هنرمندن کي پنهنجون صلاحيتون مڃرائڻ ۽ مختلف دستڪاري کي مارڪيٽ تائين رسائي جو موقعو ملندو آهي. نگران صوبائي وزير ثقافت چيو ته سنڌ ڪرافٽ فيسٽيول ۾ سڄي سنڌ جا 70 کان وڌيڪ فنڪار پنهنجي هٿ جي هنر کي نمائش لاءِ پيش ڪيو آهي جن ۾ اجرڪ، سنڌي ٽوپي، ڪاشي، اٽو پيهڻ وارو جنڊ، ڀرت، ڪجيءَ جي پنن مان ٺهيل هينڊي ڪرافٽس، چمڙي جا بوٽ، حيدرآبادي چوڙيون، گج، رلي، مٽيءَ جا ٿانوَ موهن جي دڙي جا نقش، خيما، هٿ جا ڏاٽو وغيره شامل آهن. ۽ اڪثر اسٽال عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ لڳا ويا آهن فيسٽيول ۾ سنڌ جي ثقافت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ لوڪ گيتن ۽ جهومرين دل لڀائي وڙهو آخر ۾ وڏي وزير سنڌ جي لوڪ موسيقيءَ مان پڻ لطف ماڻيو

بقايا 09

جي ڊي سي ايل طرفان جاري ڪيل پڌرائيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ جي درس ويسٽ کوهه نمبر 2 جي 2081 ميٽر کوٽائي ڪئي، جتان 360 بيرل روزاني جي حساب سان ڪچو تيل به دريافت ٿيو آهي ڪمپني موجب ان دريافت سان روز 85 لک 10 هزار مکعب فٽ گئس حاصل ٿيندي. نئين دريافت سان ملڪي امپورٽ بل ۾ چڱي ڀلي گهٽتائي ٿيندي، او جي ڊي سي ايل ۽ ملڪي تيل ۽ گئس جي ذخيرن ۾ واڌ ٿيندي

بقايا 10

بئنڪ آف پاڪستان طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 25 پئسا سستو ٿيو. اسٽيٽ بئنڪ موجب ڪاروبار جي پڄاڻي تي هڪ آمريڪي ڊالر جو اگهه 283 روپيا 87 پئسا آهي.

بقايا 11

جوابدارن ۽ سندن وڪيلن کي ڪاپيون فراهم ڪرڻ بعد ٻڌڻي 29 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏيفريادي ڌر پاران سحر شاه وڪيل صلاح الدين پنهور معرفت عدالت ۾ پيش ٿي، جوابدارن جا وڪيل به پيش ٿيافريادي ڌر جي وڪيل موجب سول جج جڊيشل مئجسٽريٽ نمبر حميرا اونوجي عدالت ۾ پوليس پاران پکو چالان ۽ ٻيون رپورٽس فراهم ٿيڻ بعد ڪيس هاڻي ٽرائل لاءِ لاڳاپيل عدالت اماڻي ڇڏيو آهيو ڪيل موجب ملير ڪورٽ جي حڪم تي پارس شاه جي لاش جو مئجسٽريٽ جي نگراني ۾ ٻيهر پوسٽ مارٽم ٿيو جنهن ۾ اها ڳالهه واضح ٿي ته سندس موت مٺي ۾ وزني آلاپ لڳڻ سبب ٿيو آهيو ڪيل دعويٰ ڪئي آهي ته ٽرائل ڪورٽ وٽ مڪمل فائل پهتو آهي ان لاءِ اميد آهي ته ايندڙ ٻڌڻي تي عدالت جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪندي سحر شاه موجب اسان پهرين ڏينهن کان پاءِ پارس کي قتل ڪرڻ جو شڪ ظاهر ڪيو پر پوليس شروعاتي طور ڪيس جي صحيح نموني جاچ نه ڪئي، سانگهڙ پوليس هٿان گرفتار جوابدارن ديدار شاه ۽ اسرار شاه جيڪو بيان ڏنو اها ڳالهه ميڊيڪل بورڊ ۾ ثابت ٿي

بقايا 12

نوٽيفڪيشن موجب چيئرمين آغا سهيل کي قائدن جي ڀڃڪڙي تي عهدي تان هٽايو ويو آغا سهيل تي درسي ڪتابن جي ڇپائي ۾ ڪرپشن جا الزام آهن آغا سهيل کي تعليم کاتي غيرقانوني ٽينڊر جاري ڪرڻ کان منع ڪيو هو سنڌ سرڪار آغا سهيل جي معطلي بعد اختر بگٽي کي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪري ڇڏيو

بقايا 13

ڪندي محفوظ فيصلو ٻڌائي ڇڏيو عدالت گذريل ٻڌڻي تي احد چيمه جي ٻريت واري درخواست تي فيصلو محفوظ ڪيو هو ڪجهه ڏينهن اڳ نيب نگران وزيراعظم جي صلاحڪار احد چيمه کي آمدني کان وڌيڪ اثاثن واري ريفرنس ۾ ڪلين چٽ ڏني هئي نيب رپورٽ موجب احد چيمه خلاف آمدني کان وڌيڪ اثاثن وارو ريفرنس نه ٿو ٺهي، احد چيمه جا سمورا اثاثا سندس آمدني سان مطابقت رکن ٿا، سندس ميبنا بي نامي دارن ذاتي انڪر سان پرايرٽيز ناهيون

بقايا 14

شاه چيو هت ٽڪيٽن بابت پارلياماني بورڊ فيصلو ڪندو، خبر ناهي ته مونکي به ٽڪيٽ ملندي يا نه؟ عمران خان جي اچڻ سان ملڪ جي وڏي تباهي ٿي ۽ مهانگائي جو طوفان برپا ٿيو

بقايا 15

ڪان پنجاب ويندڙ گرين لائين ايڪسپريس مزدا مٿان چڙهي وئي، حادثي سبب ٽڪر مزدا ڊرائيور نور خان ٽانوري فوت ٿي ويو. لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو حادثي ڪانپوءِ ٽرين کي هڪ ڪلاڪ واقعي واري هنڌ بيهارڻ بعد منزل طرف روانو ڪيو ويو ڪوهيڙي سبب قائد تي مزدا ڪراسنگ ڪرڻ دوران قاسي پٽي ۽ ٽرين سان ٽڪرائجي وئي.

بقايا 16

ڪي ساراهيو آهي.چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان احمد فراز خان ايڊووڪيٽ، بئريسٽر سيف الله غوري، بلال طارق خان، ڊاڪٽر عبدالمومن ،ڊاڪٽر ماريه حامد، ڊاڪٽر سلميٰ ملڪ، فهيم سردار، حافظ محمد طاهر هما فواد جهانزيب دراني،ڪنول ملڪ، لبنيٰ بهات، احسن طاهر، جاويد اختر، پير محمد انور جنيد ۽ راجا محمد خان،ثانيه ڪامران، شهباز ظهير، شمع العمار ارباب، بلند سهيل، ڪشف احمد، طلحه رحماني، اسامه ملڪ، عثمان اقبال هندل ۽ يوسف مفتي ملاقات ڪئي.

بقايا 17

سنڌ صحافي ڪنونشن ۾ وڌيڪ حڪمت عملي جوڙي ويندي سڪريونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف 117 ڏينهن به سکر جي صحافين احتجاجي تحريڪ جاري رکندي سکر پريس ڪلب اڳيان ايس ايس پي جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو جاري رکيو جنهن ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ خصوصي طور شرڪت ڪئي جڏهن ته بک هڙتال ۾ شهيد جان محمد جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباني، سيد احقر شاه، خالد پاٺڻ، سليم سهتو، عمر سومرو، سحرش ڪوڪر، آصف لوڌي، جلال الدين پيو، انس گهانگهرو، جهانزيب وسير، صلاح الدين قريشي، اسحاق ڪوسو، عبدالغفور شيخ، يار محمد سومرو، بخش علي قلپوٽو، اظهرداپو، ڪاشف قلپوٽو، سجاد پاشا، فريد سومرو، اورنگزيب ماڪو علي ڪوسو ديدار انڙ، فاروق سومرو، اعجاز چڇڙ، قاضي ضياءُ الرحمان، فيصل آرائين، صلاح الدين سميجو، عبدالرزاق سولنگي، شعيب ملڪ، بابر ڪوڪر ۽ ٻيا موجود هئا. ان موقعي تي پي ايف يو جي جي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ چيو ته پاڪستان ۾ 148 صحافي شهيد ڪيا ويا آهن پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس عزم ڪيو آهي ته شهيد جان محمد مهر جا نامزد ڪيل قاتل گرفتار ٿيڻ گهرجن ۽ اهو صحافي جو قتل آخري قتل ثابت ٿئي ته اسان قاتلن جي گرفتاري تائين خاموش نه وينداسين سان سکر، ڪراچي، حيدرآباد سميت پاڪستان جي تمام پريس ڪلبن ۽ صحافين کي سلام ٿو پيش ڪريان جن شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي تحريڪ ۾ ٻڌي ۽ يڪجهتي جو نئون مثال قائم ڪري جدوجهد ڪئي آهي. هن چيو ته حڪمران سمجهيو ته صحافي خاموش ٿي ويندا سنڌ جي صحافين گڏجي ڪراچي ۾ وڏو ڌرڻو هنيو رياست لاءِ واضع پيغام ڏنو ته صحافي خاموش ٿي نه ويهندا هن چيو ته رياست لاءِ ڪجهه به ناممڪن نه هوندو آهي انهن لاءِ قاتل گرفتار ڪرڻ ڪو مسئلو ناهي اسان سمجهون ٿا ته رياست کي خوف آهي ته پاڪستان جا صحافي باقي شهيد صحافين جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو نه ڪن ته ڪين جا جواب ڏينداسين. هن چيو ته آئنده ڪنهن به صحافي خلاف ڪوڙو ڪيس يا قتل سازش ڪئي وئي ته پوءِ ڌرڻن کان ڪم اڳتي وڌندو اسان دنيا ۾ ملڪ کي بدنام ان ڪري نه ٿا ڪيون ڇو ته هي ملڪ اسان جو آهي اسان اهو پيغام ڏيون ٿا نگران حڪمرانن کي چئون ٿا ته پنهنجو ڪم ڪيو اسان کي احتجاج کان روڪي نه ٿا سگهو اسان جو پرامن احتجاج کي ختم ڪرڻ جون ڌمڪيون صحافين کي ڏيڻ بدران قاتلن کي ڏيو ته بهتر آهي صحافي پنهنجي اتحاد ۽ يڪجهتي کي برقرار رکڻ صحافي اڳواڻن چيو ته ساڍا مهينن کان وڌيڪ جو عرصو گذري ويو آهي، اسان جو واضع اعلان آهي ته اسان جي ساٿي شهيد جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندا وڃن ٻي صورت ۾ اسان جو احتجاج ختم نه ٿيندو احتجاج ۾ پنوعاقل، صالح پٽ، روهڙي ۽ ڪنڌرا جي صحافين سميت اشفاق ڪوسو، اسامه طلعت، ناصر جعفري، نيازحسين ابو پوٽو محمد علي سولنگي، اصغر عباسي، حميد گل، شاهه ولي، نادر سنجراڻي، عبدالله چاچڙ، مجاهد بوزدار، عثمان گهنگهو جاويد علي ونڊڻ، راجا رياض، عبدالله مهر، نياز مهر، ظهير ڊاريجو اي ڊي گهنجو نثار پاپوءُ عبدالخالق منگريو ياسر پيس سليم ڌريهو محمد اسلم دايو مجاهد سول سوسائٽي جي مخدوم بلاول، عطا محمد پٽو، زاهد منگريو اعظم منگريو ۽ ٻين شريڪ ٿي يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو ته شهيد جان محمد جي قتل ۾ ملوث اصل جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف جو مان مٿاهون ڪيو وڃي.

بقايا 18

پاڪستان کي 70 ڪروڙ ڊالرن جي قسط ملندي. آمريڪي رسالي بلوم برگ طرفان پاڪستان لاءِ 70 ڪروڙ ڊالرن جي ايندڙ قسط جي منظوري جي معاملي تي آءِ ايم ايف جي ايگزيڪيوٽو بورڊ جو اجلاس 11 جنوري 2024 ۾ ٿيندو اجلاس ۾ پاڪستان ۾ ڪئي ويندڙ اسٽاف ليول ميٽنگ جي فيصلن کي حتمي شڪل ڏني ويندي ۽ پاڪستان لاءِ 3 ارب ڊالرا سٽينڊ باءِ ارينجمينٽ پروگرام حت ايندڙ قسط جي منظوري جو امڪان آهي، منظوري ڪانپوءِ پاڪستان کي 70 ڪروڙ ڊالرن جي قسط ملندي.

بقايا 19

افضل مروت جي گرفتاري جي تصديق ڪندي چيو آهي ته اسان شير افضل مروت جي آزادي جو مطالبو ڪريون ٿا تحريڪ انصاف جو چوڻ آهي ته غير قانوني گرفتارين ۽ اغوا واري معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي پي ٽي آءِ اڳواڻ مشعل يوسفزئي موجب وڪيلن ۽ عوام پوليس کي گهيري ۾ آڻي ڪري سينيئر نائب صدر ۽ عمران خان جي وڪيل شير افضل مروت پاڻ کي بازياب ڪرايو ويو آهي. رستا بند رهندا جيستائين انهن کي محفوظ طريقي سان نه ڪڍيو وڃي

بقايا 20

شيخ کي نامزد ڪيو آهي ڪيس جي ٻڌڻي دوران پوليس عدالت کان حليم عادل شيخ کان سينٽرل جيل ۾ پڇا ڳاڇا جي اجازت گهري. ته عدالت پوليس تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته توهان ڪٿي هئا؟ پنجن مهينن کان پوءِ توهان کي اهو خيال ڪيئن آيو؟ حليم عادل شيخ عدالت ۾ چيو ته هڪڙي ڏينهن ۾ ڪيترن ٿاڻن تي پيش ٿيو سگهان، جيڪي اڳواڻ هن ڪيس ۾ نامزد هئا اهڙي پريس ڪانفرنس ڪري گهر روانا ٿي ويا.حليم عادل چيو ته مان پريس ڪانفرنس ڪريان ته سمورا ڪيس ختم ٿي ويندا،پوليس پاڻ ٿي هاءِ ڪورٽ ۾ رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي، هاڻي منهنجو نالو انڪاءِ ڪيسن ۾ شامل ڪيو ويو،هنن الزامن جي باري ۾ مون کي پهريون ڀيرو خبر پئي آهي،مان 25 مئي 2022 تي اسلام آباد ۾ هيس ڪراچي ۾ واردات ڪيئن ڪير ڪيئن ٿيو؟ عدالت کي گذارش آهي ته منهنجو بيان به حڪم نامي ۾ شامل ڪيو وڃي،بيان پوليس مون سان منسوب ڪري سگهي ٿي پر ان سان منهنجو ڪو به تعلق ناهي،حليم عادل شيخ ٿاڻو جي حد ۾ پوليس موبائل کي باهه ڏيڻ جي الزام ۾ جيل ۾ آهي

بقايا 21

نئين بلند ترين سطح به پار ڪري ويو ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن 100 انڊيڪس 1552 پوائنٽن واڌ سان 66270 پوائنٽن جي بلند ترين سطح تي اچي ويو مارڪيٽ ۾ پهرين سيشن ڪانپوءِ ٻئي سيشن ۾ به تيزي ڏٺي وئي. ان حوالي سان پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو ته ملڪي معيشت ۾ اسٽاڪ ايڪسچينج جو اهم ڪردار آهي ۽ معاشي بهتري سان اسٽاڪ مارڪيٽ سيپٽمبر کان 40 سيڪڙو وڌي آهي، جڏهن ته ڊالر جو اگهه سيپٽمبر ۾ 307 روپيا هو جيڪو اڄ 284 جي لڳ ڀڳ آهي هن چيو ته هلندڙ سال ملڪي معيشت چئلينجن کي منهن ڏنو آءِ ايم ايف سان اسٽينڊ باءِ معاهدي سبب سيڙپڪارن جو اعتماد وڌيو معيشت جي بهتري سبب اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي جو رجحان آهي

بقايا 22

تي پهچي وئي آهي ڳڻپ ڪاٽي جي هفتيوار رپورٽ موجب 15 شين جا اگهه وڌيا، بصر، بيضا، مڱ جي دال، مهري دال، کنڊ، ايل پي جي جو گهريلو سلينڊر، ڪيلا، چانهه جي پتي، ڏهي ۽ ٻڪرو گوشت مهانگو ٿيو انگن اکرن موجب هلندڙ هفتي ۾ 14 شيون سستيون ٿيون، جن ۾ ٽماٽو، ڪڪڙ جو گوشت، پٽاٽو چانور، گيهه، اٽو، چٽڻ جي دال شامل آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته 22 عام واهپي جي شين جي اگهن ۾ استحڪام رهيو

بقايا 23

ناري جي سڃاڻپ عليزا جهانگير جي نالي سان ٿي آهي ۽ هوءَ وزيرآباد جي علائقي جي رهواسڻ آهي، عليزا يونيورسٽي ۾ بي ايس سي ڪمپيوٽر سائنس جي پڙهائي ڪري رهي هئي. درياهه ڪناري موجود مهاڻن ناري کي ٻڏو ڏسندي ڏسي فوري طور بچائڻ جي ڪوشش ٿي پر ناڪام رهيا، واقعي جي اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو اهلڪار پهچي ويا، پوليس موجب آپگهات جا سبب ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. جڏهن ته ناري جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال نيو ويو

بقايا 24

ڪريٽ، چور، ڀوتارن ۽ سنڌ جا وسيلا وڪڻندڙ زرداري ليگ جي پويان هوندا آهيون انهن کي سيارو ڪري ايوانن تائين پهچائيندا آهيون پوءِ واري پنج سال رڙيون ڏانهن ڪندا آهيون ظالم حڪمران مهانگائي ڪري، بدامني جي ڪري اسان جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته حڪمرانن کي عوام جي تڪليفن جي ڪا به پرواه نه آهي غريبن تي تڪليفون اچڻ سان ڇڻ ڪريٽ حڪمرانن جي لاٽري کلي وڃي جيئن اڳ آيل برساتي ٻوڏ دوران ٻاهرين ملڪن کان ملندڙ امداد حڪمرانن اصل حقدارن تائين پهچائڻ بجاءِ صرف پنهنجا پيٽ ڀريا عوام اڄ به دربدر آهي. پيپلزپارٽي چاهي ٿي ته افغانين برمين ۽ ٻي آباد ڪيون جنهن سبب ٻاهرين لوڌ ايندي رهي ٿي ۽ انهن کي آساني سان سڃاڻپ ڪارڊ به ناهي ڏنا وڃن ٿا. اياز لطيف پليجو چيو ته سياست ۾ مستقل مزاجي سان هلڻ جي ڪري اسين هتي موجود آهيون ٻئي صورت ۾ اسان جو وجود ختم ٿي چڪو هجي ها اسان کي انتها پسندي جي آڙ ۾ گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي مگر اسان اهڙي گمراهه ڪندڙ انتها پسندي کي هميشه رد ڪيو آهي سنڌ جي زمينن تي قبضا پيا ٿين معصوم ٻارڙن سان زيادتيون پيون ٿين آخرڪار حڪمران ڪهڙي مرض جي دوا آهن جيڪي عوام جون تڪليفون دور ڪندا قوم جو ڪو ڏاڍو سائين ڪونهي سنڌي ماڻهن کي چئلنجن کي جرئتمندي سان منهن ڏيڻو پوندو

بقايا 25

اسڪول ۾ پيپر وٺڻ جي اجازت نه هوندي. موڪلن دوران استادن کي به اچڻ جو پابند نه ٿو ويندو. تعليمي ادارا کولڻ تي ڳرو ڏنڊ يا اسڪول رجسٽريشن رد ڪئي ويندي. ايجوڪيشن اٿارٽي لاهور انسپيڪشن لاءِ به ٽيمون جوڙي ڇڏيون، 5 تعلقن جي مانيٽرنگ ڊپٽي ڊي اي اوز ۽ اي اي اوز ذريعي ڪئي ويندي. سي اي او ايجوڪيشن لاهور موجب اسڪول کولڻ تي ٻه لک روپيا ڏنڊ يا لائسنس رد ڪيو ويندو، ايجوڪيشن اٿارٽي شهر جي اسڪولن کي حڪم جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا 26

جيو ته سمورين سياسي پارٽين پنهنجي پنهنجي ڪارڪنن جو ڪارڊ اليڪشن ڪميشن ۾ داخل ڪرائڻ، پينا ليڪس، پٽين تي اشتهارن، وال چاڪنگ ۽ بينرن تي مڪمل پابندي لڳائي وڃي. هن چيو ته قومي اسيمبلي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ تربيتي ڪورس سڀني ميمبرن لاءِ لازمي قرار ڏنو وڃي، سمورن اسيمبلي ميمبرن کي عوامي خدمتن ۽ قانوني سازي لاءِ ضروري اسٽاف ڏنو وڃي.

بقايا 27

۾ پنجاب حڪومت ٻڌايو هو ته منهنجي خلاف ڪو به ڪيس ناهي، اڄ منهنجي خلاف 10 ڪيسن جا تفصيل عدالت ۾ جمع ڪرايا ويا آهن شيخ رشيد چيو آهي ته منهنجي تڪ 56 ۽ 57 تي ننڍي سياست آهي. ننڍپڻ کان اها سوچ آهي ته سڀني کي گڏ هلڻو آهي.هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن اليڪشن نه ٿي ته هو ٻراڻي پڳهارتي ڪم ڪندو شيخ رشيد احمد جو اهو به چوڻ آهي ته اليڪشن ڪمشنر جي بيان تي اعتبار ڪيو وڃي. هن چيو آهي ته چونڊون 8 فيبروري تي ٿينديون.

بقايا 28

ڪي بي بنياد قرار ڏيندي چيو آهي ته 5 لک غير قانوني پاڪستاني رضاڪاراڻي طور پاڪستان ڇڏي ويا آهن. پنهنجي ملڪ ڏانهن واپس ويا،انهن کي زبردستي نه ڪڍيو ويو حڪومت ملڪ ۾ آزاد، منصفاڻي ۽ غيرجانبدار چونڊون ڪرائڻ لاءِ پرعزم آهي، 8 فيبروري تي چونڊون ٿينديون،ان حوالي سان ڪنهن کي به شڪ نه هجڻ گهرجي، سمورن رجسٽرڊ سياسي پارٽين کي چونڊن ۾ برابر سيڪيورٽي ۽ موقعا ملندا، سڀ ڳالهه آهي ته ملڪ معاشي استحڪام طرف وڌي رهيو آهي، اسٽاڪ ايڪسچينج انڊيڪس 100اڄ 66 هزار جي حد جي پار ٿي ويو .رياستي ميڊيا ڪنهن به رجسٽرڊ سياسي پارٽي کي ڪوريج ڪرڻ تي پابندي ناهي، سڀني رجسٽرڊ سياسي پارٽين کي برابر ڪوريج ڏني پئي وڃي. پاڪستان تڏهن مضبوط ٿيندو جڏهن ان جي ٻولي ۽ ثقافت مضبوط هوندي، اهڙن خيالن جو اظهار هن جمعي ڏينهن ڪوئيٽا پريس ڪلب ۾ صوبائي وزيرن سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيس سنڌ سماءِ واري نگران وفاقي وزير چيو ته نگران حڪومت صاف، شفاف ۽ غيرجانبدار چونڊون ڪرائڻ لاءِ پرعزم آهي، 8 فيبروري تي سڄي ملڪ ۾ چونڊون ڪرايون وينديون، ان ۾ ڪنهن کي به شڪ نه هجڻ گهرجي، هن چيو ته وفاقي حڪومت چئن صوبائي حڪومتن سان گڏجي اهو فرض سرانجام ڏيندي، مرتضيٰ سولنگي چيو ته اسان جي آئين ۾ لکيل آهي ته هي ملڪ ان جا چونڊيل نمائندا هلائيندا، اسان ملڪ کي ايندڙ چونڊيل حڪومت جي حوالي ڪنداسين، جيڪا اسان کي ملي آهي ان کان بهتر حالت ۾ ملڪ کي ايندڙ چونڊيل حڪومت جي حوالي ڪنداسين،هن چيو ته اسان کي خوشي آهي ته ملڪ معاشي استحڪام طرف وڌي رهيو آهي، اڄ پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 66 هزار جي حد عبور ڪري چڪو آهي، ڊالر جي قيمت ۾ به گهٽتائي ٿي آهي، ڪجهه ماڻهو افواهون پکيڙي رهيا هئا ته آءِ ايم ايف جي ميٽنگ ۾ پاڪستان جو ڪيس شامل شامل ناهي، جڏهن ته اڄ بلومبرگ جي خبر آهي ته 11 جنوري تي پاڪستان آءِ ايم ايف جي بورڊ جي ايجنڊا ۾ شامل آهي،نگران حڪومت جا اختيار ۽ مدو محدود آهي، ڪوئيٽا پريس ڪلب ۽ بلوچستان جي صحافين جي ڀلائي لاءِ جيڪي به ممڪن قدم کنيا ويندا. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته چونڊن ۾ هر پارٽي عوام جون همدرديون کٽڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، جمهوريت ۾ شور هوندو آهي، خاموشي ناهي هوندي. جڏهن ته اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين جي ٽوئيٽ بابت پڇيو ويو ته هن چيو ته اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين جي ٽوئيٽ ۾ لڳايل الزامن جو ڪو به بنياد ناهي. 5 لک غيرقانوني ماڻهو رضاڪاراڻه طور پاڪستان ڇڏي ويا، ڪين جبري طور ٻاهر نه ڪڍيو ويو هن ٽوئيٽ ذريعي چونڊن ۾ اهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جو ڪين ٻين سياسي پارٽين کان وڌيڪ فائدو ٿيندو هن چيو ته سمورن رجسٽرڊ سياسي پارٽين کي چونڊن ۾ برابر سيڪيورٽي ۽ موقعا ملندا. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته جمعيت علماءِ اسلام جو پاڪستان جي سياسي نظام ۽ سياسي تاريخ ۾ اهم ڪردار آهي،جن جماعتن جي اڳواڻن پاڪستان جي آئين تي صحيحون ڪيون آهن، جن ۾ جمعيت علماءِ اسلام ف به شامل آهي، اها وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي ذميواري آهي ته جي يو آءِ ۽ ان جي اڳواڻن جي سيڪيورٽي خدشن کي دور ڪن. اسان پنهنجي ذميواري پوري ڪنداسين،هڪ ٻئي سوال تي هن چيو ته پاڪستان جي آئيني ۽ سياسي نظام ۾ اليڪشن ڪميشن واحد ادارو آهي جنهن چونڊون ڪرائڻيون آهن،مرتضيٰ سولنگي چيو ته تحريڪ انصاف جا نمائندا پي ٽي وي جي ڪرنٽ افيئر پروگرامن ۾ موجود هوندا آهن. هو پنهنجو موقف واضح پيش ڪندا آهن. هن چيو ته سرڪاري ميڊيا پي ٽي وي ۽ ريڊيو پاڪستان تي ڪنهن به رجسٽرڊ سياسي پارٽي تي پابندي ناهي، سمورين رجسٽرڊ سياسي پارٽين کي برابر ڪوريج ڏني پئي وڃي.

بقايا 29

ڪندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت معاوضو ڏيندي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ گم ٿيلن جي آزادي بابت درخواستن تي ٻڌڻي ٿي، ان دوران گم ٿيل شهرين جي گهر ڀاتين کي معاوضو ڏيڻ بابت اهم اڳڀرائي ٿي، عدالت هدايت ڪئي ته شهري ياسين جي گهر ڀاتين کي سنڌ حڪومت معاوضو ڏيندي، ان حوالي سان گهرو کاتي جي فوڪل پرسن عدالت کي آگاهه ڪري ڇڏيو فوڪل پرسن عدالت کي ٻڌايو ته جبري طور گم ٿيل جي تصديق ڪانپوءِ گهرڀاتين کي معاوضو ڏيڻ لاءِ سمري وڏي وزير کي موڪلي وئي آهي.

بقايا 30

ٻين علائقن ۾ موڪليل انهن دوائن جي سڃاڻپ ڪئي. ڊبليو ايڇ او چيو آهي ته اهي غير معياري دوائون پاڪستان ۾ "فارمڪس ليبارٽريز" نالي ڪمپني تيار ڪري رهي آهي ۽ انهن جي سڃاڻپ پهريون ڀيرو مالديپ ۾ ٿي هئي صحت جي عالمي ادري موجب مختلف بيمارين جي علاج لاءِ فعال جزن تي ٻڌل انهن دوائن ۾ ايٿيلين گلائڪول جي نه قبولڻ جوڳي سطح جي نشاندهي ٿي ايٿيلين گلائڪول ايٿنول جيان هڪ سي اين ايس ڊپريسنٽ آهي، ان جا ميٽابولائٽس زهريلا هوندا آهن ۽ وڌيڪ ميٽابولڪ ايسڊوسس، دماغي ورم، دل جي ناڪامي، گردن جي ناڪامي ۽ امڪاني طور موت جو ڪارڻ بڻجندا آهن.

بقايا 31

عمران خان جا بيان نشر ڪرڻ تي پابندي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. تحريڪ انصاف جي وڪيل بئريسٽر علي طاهر چيو ته اڳوڻي وزيراعظم جي بيانن تي پابندي لاڳو ڪرڻ قانون جي ڀڃڪڙي آهي. پيمرا غير قانوني طور پابندي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڪيل عدالت کي اپيل ڪئي ته پيمرا جو 4 ڊسمبر جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏنو وڃي. بئريسٽر علي طاهر جا دليل مڪمل ٿيڻ تي عدالت عمران خان جي بيانن تي پابندي خلاف درخواست تي محفوظ فيصلو ٻڌائيندي پيمرا جو 4 ڊسمبر جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ جي درخواست تي پيمرا ۽ وفاقي حڪومت کي نوٽيس جاري ڪندي ڌرين کان 21 ڊسمبر تي جواب طلب ڪري ورتي.

*****

پ پ هميشه عام ماڻهوءَ جي مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون ورتيون آهن: آصف علي زرداري

انقلابي ليبر ذوالفقار علي ڀٽو جو "اٿو لٽيو ۽ اجهو" جو نعرو پ پ جي بنيادي قدرن ۽ اخلاقيات سان لازم ۽ ملزوم آهي

جديد دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن جماعت پنهنجي منشور تي عمل لاءِ پيپلزپارٽي کان وڌيڪ قربانيون نه ڏنيون آهن

ايندڙ سالن ۾ بحالي لاءِ اسان جن اهم شعبن تي روشني وڌي آهي اُنهن ۾ خوراڪ، تعليم ۽ صحت نمايان آهن

ڪراچي(رپورٽر) اڳوڻي صدر مملڪت ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي ڪو چيئرمين آصف علي زرداري چيو آهي ته پيپلزپارٽي هميشه عام ماڻهوءَ جي مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون ورتيون آهن. پارٽي ٺهڻ جي شروعات کان ئي ان جي باني ۽ انقلابي ليبر ذوالفقار علي ڀٽو جو "اٿو لٽيو ۽ اجهو" جو نعرو پ پ جي بنيادي قدرن ۽ اخلاقيات سان لازم ۽ ملزوم آهي. جنهن جي تڪميل لاءِ پارٽيءَ اڻ ڳڻيون قربانيون ڏنيون آهن ۽ ان جي بنياد ۾ شهيدن جو رت به شامل آهي. اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جو چوڻ هو ته جديد دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن جماعت پنهنجي منشور تي عمل لاءِ پيپلزپارٽي کان وڌيڪ قربانيون نه ڏنيون آهن. هن چيو ته پ پ پ لاڳيتو اڳتي طرف سفر ڪيو ۽ پنهنجي تجربن کان سکيو آهي. اهڙي ريت اسان هڪ نئين جوش ۽ فرض جي احساس سان گڏ پاڪستاني عوام جي خدمت لاءِ تيار آهيون. شريڪ چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي وڌيڪ چيو ته ايندڙ سالن ۾ بحالي لاءِ اسان جن اهم شعبن تي روشني وڌي آهي اُنهن ۾ خوراڪ، تعليم ۽ صحت نمايان آهن. هن چيو ته شفافيت ۽ بهتر حڪمراني کي يقيني بڻائڻ لاءِ خوراڪ، تعليم ۽ صحت جهڙن اهم ڪاتن جي مڪمل ڊجيٽلائيزيشن اٿتر آهي چاڪاڻ ته اهي ڪاتا عام ماڻهوءَ فلاح ۽ بهبود لاءِ ضروري خدمتون فراهم ڪندا آهن. اڳوڻي صدر ۽ پ پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري وڌيڪ چيو ته هراسمينٽ قانونن کي وڌيڪ مضبوط ۽ انهن تي عملدرآمد بڻائڻو آهي ته جيئن اسانجي سماج ۾ عورتن کي بغير ڪنهن خوف ۽ تعصب جي ڪم ڪرڻ جي اجازت ۽ موقعو فراهم ٿي سگهي. پ پ پ هميشه کان عورتن جي حقن جي علمبردار رهي آهي ۽ ان جماعت ئي شهيد محترمه بينظيرڀٽو جي صورت ۾ اسلامي دنيا کي پهرئين عورت وزيراعظم سان به نوازيو

بقايا 01 سنڌيار

جي غير قانوني تيل اسمگلنگ خلاف ايڪشن ڪندو ويو. ايس ايچ او لکي غلام شاهه اطهر علي جو پنهنجي اسٽاف سميت ڪامياب ڪاررواتي ڪئي، دوران اسنيپ چيڪنگ سکر شڪارپور بائي پاس تي اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي 07 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ محمد اسلم مهر، اشفاق علي مهر، محمد خان ڪوريجو، خادم حسين چنا، عبدالله دايو، محمد قاسم جتوئي ۽ غلام قادر دايو طور ٿي آهي. پوليس ڪاررواتي جي نتيجي ۾ 07 ٽرڪن مان 760 ليٽرز هٽ ڪيو ويو آهي. ايس ايچ او ٿاڻي ميان جو ڳوٺ علي بيگ بجاراڻي اسٽاف سميت اسنيپ چيڪنگ جي دوران ميان جو ڳوٺ کان همايون ويندڙ مين روڊ جي ويجهو سومرا واهي تي ڪاررواتي ڪري اسمگلنگ ڪي ناڪام بڻائيندي 2 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ شفيق ٿانوري ۽ عبدالباسط ميربحر طور تي آهي. پوليس جي ڪاررواتي جي نتيجي ۾ ڪندي مزدا ٽرڪ مان 400 ليٽرهٽ ڪيو آهي. گرفتار جوابدار غير قانوني تيل اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 02 سنڌيار

رنگارنگ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ اسڪولي شاگردياڻين ثقافتي لباس پهري شرڪت ڪئي. ثقافتي پروگرام ۾ شاگردياڻين شگفته، عائشه، پري زادي، انعم، بيبي زيب النساء، مهوش، زوبيا مهڪ ۽ ٻين قومي گيتن تي ٽيبلوز، خاڪا ۽ تقريرون پيش ڪيون. شاگردياڻين پاران شاهه عبداللطيف جي واين جي لات سان پروگرام جو آغاز ڪيو ويو. تقريب ۾ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر ٺٽو عمران آرائين، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ٺٽو حضور بخش خاصخيلي، اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو وقاص ملڪ، انسپيڪٽر ٽرائنگ سنڌ الطاف ميمڻ، ڊپٽي ڊي او آپا پروين ميمڻ، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ٺٽو آپا فاطمه ميمڻ، هيڊ مسٽريس هاءِ اسڪول مڪلي ياسمين انڙ ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جي ٻارڙن ۾ تمام گهڻو ٽيلنٽ موجود آهي جن کي سرپرستي ۽ اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي هنن چيو ته ثقافتي ڏهاڙن جي ملهائڻ سان نئون نسل پنهنجي ثقافتي قدامت ۽ تاريخ سان شناس ٿئي ٿو. آخر ۾ هو جمالو ۽ جيئي سنڌ گيتن تي ٻار جهومندا رهيا.

بقايا 03 سنڌيار

لڳڻ سبب گهرن ۾ پيل ڪٽون بسترا هنڌ گهريلو سامان جويائي مال جو چارو ۽ ٻڪريون اناج ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو آهي، جڏهن ته باهه لڳڻ سبب ٻن ٻارڙن جا هٿ سڙي ويا آهن. فائر برگيڊ کي ڪال ڪئي پر موقعي تي نه پهتي جنهن سبب نقصان ٿيو آهي. هن ٻڌايو ته پنهنجي مدد پاڻ باهه وسائي آهي. هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته غريب مسڪين آهيون کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل آهيون. اسان جي ٿيل نقصان جو ازالو ڪري مالي سهائتا سان گڏ کاڌ خوراڪ جو پڻ بندوبست ڪيو وڃي.

بقايا 04 سنڌيار

چيو ته اسان 12 ڏينهن اڳ ميرپورخاص جي عدالت ۾ پسند جي شادي ڪئي آهي نوجوان محبت هوت ٻڌايو ته شادي ڪرڻ ڪانپوءِ منهنجي گهرواري جو اڳوڻو مڙس ۽ سندس مائٽ اسان جي جان جا دشمن بڻجي ويا آهن اسان کي مسلسل جان کان مارڻ ۽ اغوا ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن جي خوف سبب اسان دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون ناري مسمات فاطمه چيو ته اڳ ۾ آئون هندو هئس مون مسلمان ٿي پنهنجي رضا خوشيءَ سان محبت هوت سان شادي ڪئي آهي، اسان جي زندگين کي سخت خطرو آهي هنن ايس ايس پي آئي جي سنڌ سميت اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 05 سنڌيار

اياز راڄپر، محمد علي سولنگي، قدير احمد، ذين العابدين، نادر علي، شعيب راڄپر، علي محمد راڄپر ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو ته پڊعيدن ٽائون جي نااهل انتظاميا شهر کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، هنن چيو ته انتظاميا آمن روڊ تي اسڪول جي ويجهو گندگي اڇلرائي آهي جنهن ڪري اسڪول ۾ ويهي نه ٿا سگهون ۽ تعليم پرائڻ ۾ مشڪل پيش اچي ٿي هنن وڌيڪ چيو ته شهر جي مين چوڪ چوراهن تي گندگي جا ڍير لڳل آهن ۽ شهر ۾ داخل ٿيندڙ سمورن رستن تي گندگي اڇلائي شهر جي رونق خراب ڪئي وئي آهي احتجاج ڪندڙن الزام لڳائيندي چيو ته ٽائون چيئرمين ملازمن کي 15 هزار ويزا عيوض چوٽ ڏئي ڇڏي آهي جنهن ڪري شهر ۾ صفائي نه ٿي ڪئي وڃي ۽ شهر گندگي جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويو آهي احتجاج ڪندڙن مڪاني ڪاتي جي وزير ۽ ٻين اعليٰ ختيارين کان مطالبو ڪيو شهر ۾ صفائي سٿرائي جو نظام ٺيڪ ڪري رهواسين جي بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ ٽائون آفيس اڳيان احتجاجي ڌرڻو ڏنو ويندو

بقايا 06 سنڌيار

برادري پاران عبدالغني سولنگي، ڪامريڊ اشرف سولنگي، عبدالستار سولنگي، هاشم ۽ لطيف سولنگي جي اڳواڻي ۾ سڙوڪي اسٽاپ کان پڇاري پل تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ان موقعي تي ڳوٺاڻن خطاب ڪندي چيو ته هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت برادري جهيڙا ڪرائڻ جي سازش سٽي وئي آهي، هنن وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن کان مطالبو ڪيو ته موچڪي ۾ برادري امن بحال ڪرايو وڃي.

بقايا 07 سنڌيار

ٽرين لاڙڪاڻي کان ڪوٽڙي طرف وڃي رهي هئي پير شاخ حادثي جي اطلاع تي وڏي انگ ۾ علائقي واسي گڏ ٿي ويا فوٽي ٽرڪ ڊرائيور صاحب خان سولنگي جو لاش پير شاخ ۾ لڙهي ويو لاش هڪ ڪلاڪ ڳولا بعد هٿ ڪيو ويو جڏهن ته ايمبولينس نه هئڻ ڪري لاش ڊاٽسن ذريعي سول اسپتال ڀان سيد آباد ضروري ڪارروائي لاءِ آندو ويو فوٽي ٽرڪ ڊرائيور ڀان سيد آباد لڳ ڳوٺ لڙهه وارا ماڇي جو ٻڌايو پيو وڃي

بقايا 08 سنڌيار

روڊ جي ڪم ۾ ناقص متيريل استعمال ٿيڻ ۽ موريون ٽٽڻ خلاف ڳوٺاڻن ميرواحد بخش بروهي خان محمد بروهي مولوي عطا محمد طالب نوتيار ۽ ٻين رهواسين سينگاري سر نالي وٽ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ڪلاڪ لاءِ ڪينجهر ڊيلهو مين روڊ بند ڪري روڊس کاتي جي ڪامورن ۽ ٺيڪيدار خلاف ڇتي نعريبازي ڪندي چيو ڪينجهر ڊيلهي جي روڊ جي ڪم ۾ انتهائي ناقص متيريل استعمال ڪيو ويو ۽ روڊ جي ڪم دوران ٺهندڙ موريون ۾ گهٽ معياري سريو ۽ متيريل استعمال ڪرڻ سبب موري ٽٽي وئي آهي جنهن جي ڪري ڪجهه ڏينهن ۾ ڪيترائي ايڪسيڊنٽ جا واقعا پيش آيا آهن ۽ اسان ڪيترا ڀيرا احتجاج پڻ ڪيا آهن پر ڪامورن جي ڪن تي جوءِ ب نٿي سري ڪروڙين روپيا ڪرپشن حوالي ٿي ويا آهن هنن هاءِ ويز کاتي جي صوبائي وزير سيڪريٽري لاڳاپيل کاتي ۽ ڊي سي ٺٽي بدين کان مطالبو ڪيو ڪينجهر ڊيلهو مين روڊ جي ڪم ۾ ناقص متيريل استعمال ڪندڙ ٺيڪدار ۽ روڊس کاتي جي ڪامورن خلاف ڪارروائي ڪري روڊ جو ڪم ۽ موريون ٻيهر تعمير ڪرائي اسان کي سفري سهولت ڏني وڃي

بقايا 09 سنڌيار

جنهن ۾ Samsung ۽vivo, oppo شامل آهن اصل مالڪن جنهن ۾ مڪلي پريس ڪلب جو صدر ۽ سينئر صحافي اڪبر دلوائي، هيومن رائيٽس سيل انچارج الطاف تنيو، ايڊووڪيٽ دليپ ڪمار، هوٽل تي مزدوري ڪندڙ سميع الله پنهار، شير محمد ملاح، اياز ميمڻ، محمد نويد آرائين ۽ انور ڪنتري کي ڏنا انهي مرقعي تي ايس ايس پي ٺٽو پاران ڊيجيٽل انويسٽيگيشن سيل جي نوجوان انچارج عاصم جبار ڀٽي، وقاص علي قريشي جي انٿڪ محنت ۽ ڪوشش کي ساراهيندي ڪيش انعام سميت سنڌي اجرڪن جي تحفن سان نوازيس ايس ايس پي ٺٽو چيو ته عاصم جبار ڀٽي جي محنت ۽ ڪوشش جي نتيجي ۾ موبائل فون ٽريس ڪري اصل مالڪن حوالي ڪيا ويا آهن. جڏهن ته سنڌس ڪوشش آهي ته جن جا موبائيل فون چوري ٿيا آهن انهن کي جلد کان جلد هٿ ڪرائي سندن اصل مالڪن حوالي ڪيا وڃن

بقايا 10 سنڌيار

خلاف ڪريڪ ڊائون دوران 24 ڪتا نان ڪسٽم جي سگريٽ ۽ سپاريون هٿ ڪري چار جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي پوليس جي پريس ترجمان موجب ايس ايچ او بي سيڪشن ديدار ابڙو ڊبليو ايچ سي خالد حسين ڪلوڙ ڪاروائي ڪندي جوابدار شعيب احمد، زاهد حسين، اويس ۽ عبدالفتاح کي جيڪب آباد کان مال سپلاءِ ڪندي گرفتار ڪري ورتو آهي جنهن جي ماليت لکين رپيا ٻڌائي وڃي ٿي ان ڏس ۾ اعتماد جوڳن ذريعن جي ڄاڻ موجب پڪڙيل سامان بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو ويو پوليس بي سيڪشن ڪاروائي نه ڪئي هئي حد جي ٻئي پوليس ڪاروائي ڪري نان ڪسٽم سامان هٿ ڪيو ڪيس بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس داخل ڪيو پڪڙيندڙ پوليس سامان مان اڌ سامان جي وراست ڪري باقي سامان نان ڪسٽم ڏيکاريو آهي

بقايا 11 سنڌيار

مبارڪ علي وسطوطور تي آهي. جنهن جو لاش ضروري ڪارروائي لاءِ سول اسپتال نوشهروفيروز منتقل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته زخمي کي گهٽني جوڳي حالت سبب نوابشاه ريفرڪيو ويو آهي. مسافر وين وڻ سان ٽڪرائجي وئي جنهن سبب مسافر محفوظ رهيا.

بقايا 12 سنڌيار

تياريون جوجائزو پ پ جي اڳوڻي ايم پي اي سيد رياض حسين شاه شيرازي پاران وٺندي چيو ته ته ڊسمبر تي سنڌس ڏاڏي الحاج سيد قادر ڏنو شاه شيرازي ۽ سنڌس والد بزرگ الحاج سيد اعجاز علي شاه شيرازي جي ٽين ورسي تقريب شيرازي هائوس ٺٽي تي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي ويندي، جنهن ۾ قرآن خواني صبح جو 11 وڳي ڪرائي دعا گهرڻ بعد الحاج سيد اعجاز علي شاه شيرازي جي زندگي تي مقررين روشني وجهي ڪيس سندس ڪيل خدمتن تي خراج عقيدت پيش ڪرڻ سان گڏ سندس ڪيل عوامي خدمتن تي ڊاڪيل ڊاڪومينٽري پڻ پيش ڪئي ويندي. جنهن بعد خيرات جي ماني پڻ ڪارائي ويندي. هن چيو ته ورسي تقريب جون تياريون تيزي سان جاري آهن. هن عوام کي اپيل ڪئي ته هو ورسي تقريب ۾ ڀرپور نموني شرڪت ڪري الحاج سيد قادر ڏنو شاه شيرازي ۽ الحاج سيد اعجاز علي شاه شيرازي کي خراج عقيدت پيش ڪن. ان موقعي تي ميونسپل ڪميٽي ٺٽو جو چيئرمين ادا محمد ميمڻ، حاجي خير محمد بروهي، غلامي هنگورو، سردار شاهد بروهي، وڏيرو شڪيل احمد بروهي، سردار مهرالله بروهي، عبدالغني قريشي، يوسي چتوچند جو چيئرمين محمد عيسي هيجب، سيد شوڪت شاه، محمد خان ملاح ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 13 سنڌيار

جاڻائي بيگناهه قتل ڪيو هو جنهن جو ڪيس عدالت ۾ هلندڙ آهي ۽ ٻه ڏينهن اڳ سنڌ هاءِ ڪورٽ ڊي ايس پي حميد پنهور ۽ ٻين اهلڪارن جي ضمانت رد ڪري ڇڏي آهي پر ان باوجود به پوليس کين گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهن ڪري احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيا آهيون. هنن پوليس خلاف مسلسل نعري بازي ڪئي ۽ قاتل پوليس اهلڪارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ جو مطالبو ڪيو احتجاج دوران ڊي ايس پي عبدالله لاڪير ۽ ايس ايچ او عبدالخالق شاهه جيلاني جي يقين ڏهاڻين تي مظاهرين احتجاج ختم ڪيو

بقايا 14 سنڌيار

شوڪت علي درس ۽ پوليس پوسٽ جنگشاهي جي انچارج محمد حسن پٺاڻي هڪ ڏوهاري عبدالجميل ولد خدا بخش کي گرفتار ڪري ورتو ۽ ڏوهن ۾ استعمال ٿيل سهر پاور چائنيز موٽرسائيڪل هٿ ڪري ڪيس داخل ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

بقايا 15 سنڌيار

